More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن خط پهتو.

محمد بن قاسم برهمٽاباد ۾ لوهاڻي جي ڪاروبار کان فارغ ٿيڻ ۾ جڏن تي دل مقرر ڪرڻ کان پوء حجاج بن يوسف کي انهيءَ حال کان واقف ڪيو، ته: برهمٽاباد جي جلوالي ڊوري (١) کان مٿي (٢) هيءَ خدمت لاڳو ڪئي ويئي (٣). ڪيس سنڌ جي زمين کي قبضي ۾ آڻڻ جو [پڻ] جاڻ ڏنو ويو ۽ تفصيل سان هدايو ويو.

حجاج جو جواب

پوء حجاج جواب لکيو ته: "اي سوٽ محمد بن قاسم! تون جيڪا سپاهداري، رعيت نوازي، رعيت جي حال تي پرورش ۽ ڪاروبار جي انتظام ۾ ڪوشش ڪري رهيو آهين، سا گهڻي ساراهه (جي لائق) آهي؛ ۽ جنهن نموني هر جڳهه تي دل مقرر ڪئي ويئي آهي ۽ رعيت جي هر قسم کي شريعت جي دستور ۽ معاملي موجب سرفراز ڪيو اٿيئي، سو حڪومت جي مضبوطي ۽ بادشاهي جي انتظام جو باعث ٿيو آهي. هاڻي انهيءَ جاء تي ترسڻ نه گهرجي. هند ۽ سنڌ جي بادشاهيءَ جا ٽيئا اروڙ ۽ ملتان آهن، جي بادشاهن جا تختگاهه آهن. بادشاهن جا خزانا ۽ دفينا (پڻ) انهن ٻن جاين ۾ مدفون هوندا. جيڪڏهن رهڻو اٿيئي ته ڪنهن

---

(١) فارسي ايڊيشن جي متن ۾: "جوئي جلواني"؛ ڪيل ترميم ۽ ترجمي لاء ڏسو مٿي حاشيه ص [٢٠١]. (ن-ب) (٢) - (٣) اصل الفاظ "اين خدمت تحرير افتاد".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اڳي جاءِ تي رهڻ جا پُرزور حڪم ڏنا ۽ هِندُ هٿ هيٺ اچي وڃي. جيڪو اسلام جي تابعداريءَ کان انڪار ڪري تنهن کي قتل ڪري ڇڏيو. اللّٰه تعالىٰ توهان جي مدد ڪندو. هند جي شهرن کي- [٢١٦] ويندي چيني جي حد تائين- فتح ڪرڻ تو تي لازمي آهي (١). امير قُتَيْبَةُ بن مُسْلِم قريشي (٢) کي [پنهنجي فتح ڪرڻ لاءِ] مقرر ڪيو ويو آهي. سپ [عراقي] غلام انهيءَ ڏانهن منتقل ڪريو ۽ [جَهْم بن زَحْر بن قَيْس کي به هن ڏانهن موڪليو وڃي؛ ۽] مقرر ڪيل [عراقي] لشڪر ساڻس گڏ وڃي (١). اي سؤٽ!: تون [پڻ] اهو ڪو ڪارنامو ڪج جيڪو [تنهنجي ٻيءُ] قاسم جو نالو روشن ٿيئي، ۽ دشمن عاجز ۽ پريشان ٿين. اِنْ شَاءَ اللّٰه تعالىٰ!

---

(١)-(١) اصل فارسي عبارت بالڪل ناقص آهي، جنهن ڪري بين عربي تاريخن جي مدد سان تصحيح ڪئي وئي آهي. تفصيل لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢١٧]. (ن-ب) (٢) ل، م، ن، ب، ك، ح، س انهن سڀني نسخن جي پڙهڻي "القريشي" (صحيح: القرشي) آهي؛ پ جي پڙهڻي "الراشي" پڻ "القرشي" جي تصحيف آهي. مطلب سڀني نسخن جي متفق پڙهڻي مطابق هيءَ نسبة "القريشي" ٿيندي، لهذا اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي. مگر قتيبه بن مسلم عام طرح "الباهلي" جي نسبة سان مشهور آهي ۽ انهيءَ کري فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر، "الباهلي" جي نسبة کي صحيح سمجهي متن ۾ رکيو آهي. مگر "القرشي" نسبة بالڪل صحيح ۽ هن جاءِ تي زياده موزون آهي. وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢١٧]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حجاج بن يوسف جا خط پهچڻ

جڏهن حجاج جو خط محمد بن قاسم کي پهتو ، تہ پڙهيائين: چيل هو تہ: "اي محمد! لکپڙهہ ۽ اسان سان مشورو کندو رهہ ، چاکاڻ تہ اهو هوشياريءَ جو سرمايو آهي. مفاصلي جي دوريءَ سبب اسان جي آڏو پردو ٿو رهي. تون کوشش کر جيئن شهر جا چارئي اکوڙ ماڻهو شوق سان فرمانبرداري کن ؛ ۽ (سندن) دلجوئي کندو رهہ.

شهر جي اکوڙن مان چئن ماڻهن کي ملک جي سڌاري لاءِ آزاد پروانو (عطا کرڻ).

هوءِ شهر برهمڻاباد، يعني هانيڙاهہ (١)، جيڪي کاروبار

---

(١) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "باهن واه" آهي جا غالباً پ مطابق آهي؛ ر: پاين واه؛ م: پرين واه؛ ن ب: باهراه؛ س: ابو بن واه. اسان ن، ب جي پڙهڻي "باهراه" کي ترجيح ڏني آهي ۽ غالباً پ ر، م جي قرائتن ۾ تصحيف آهي، ۽ اهي پڙهڻيون ۽ اصل ۾ غالباً "بانب راه" جي بگڙيل صورتخطي آهن. "باهراه" يا "بانب راه"، برهمڻاباد جي مقامي سنڌي نالي "هانيڙاه" (يا هانيڻاه) جي فارسي صورتخطي معلوم ٿين ٿيون، تنهنڪري اسان هن لفظ کي ، انهيءَ مقامي نالي مطابق لکيو آهي. پڙ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [٢١٧]. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

واسطي وَداع بن حُمَيْد البَحْرِي (١) کي سڏي، رئيس ۽ کاوڙا مقرر کيائين. مالي کاروبار شهر جي چئن واپارين جي حوالي کيائين، ۽ انهن کي کليو پروانو عطا کيائين ته: سڀ کلي ۽ جـزي کر سندس حضور ۾ پيش کيا وڃن، ۽ کوبہ معاملو وغيره سندس صلاح کان سواء پورو نہ کيو وڃي. نَوْبة بن دارس کي راؤڙ جي قلعي تي مقرر کيائين، جيئن انهيءَ جاء تي رهي ٻيڙيون تيار رکي: جيکا به ٻيڙي مٿان يا هيٺان اچي، خواهہ وڃي، ۽ جيکڏهن انهيءَ ۾ جنگي سامان هجي تـہ جهلي [٢١٧] راؤڙ جي قلعي ۾ کڻي وڃي. انهيءَ (راؤڙ) کان مٿي وارن ٻيڙين جو حکم ابن زِياد العَبْدي (١) کي ڏنائين. کڇ واري طرف جو کيرج جي بادشاهہ دروهر جي هٿ ۾ هو، سو هُذَيْل بن سليمان الازدِي کي ڏنائين.

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هيءَ نسبة هن صفحي تي توڙي مٿي [١٠٩] ۽ [١٢٤] صفحن تي "النجدي" لکيل آهي، ۽ هن صفحي توڙي مٿي ص [١٢٤] تي حاشيي ۾ مختلف نسخن جون پڙهيون ڏنل کين آهن، جنهن جي معنيٰ ته انهن ٻنهي صفحن تي جملي نسخن جي متفق پڙهڻي "النجدي" آهي. ن ۽ ر جي ٻ انهن ٻنهي صفحن تي اها ساڳي پڙهڻي آهي. البتہ ص [١٠٩] تي فارسي ايڊيشن جي حاشيہ ۾ فقط ٻن نسخن جون مختلف پڙهيون هن طرح ڏنل آهن - ب: التحدي؛ س: اينعدي. "النجدي" حقيقت ۾ "البحري" جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ صحيح نسبة "البحري" آهي ۽ نہ "النجدي". جنهن لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [٢١٧]. (ن - ب) (٢) يعني محمد بن زياد العبدي. (ن - ب).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حنظله بن آخي نبّاته (١) كيلابيءَ [يعني نبّاته كيلابيءَ جي پاءُ جي پٽ حنظله] كي دهلبله جو حاكم كيائين. ٻوءِ [سيني كي] حكم ڏنائين ته هر مهيني جاچ جوچ، واقفيت ۽ آزمائش بعد ملك جي حالات جي خبر ڏيندا رهجن. انهن سيني كي هكٻئي جي مدد كرڻ جي پارت كيائين ته: "جيكڏهن مخالف جي لشكر، يا رعيت جي مخالفت سبب كو فتنو پيدا ٿئي ته انهيءَ [پارت] تي عمل كجوءِ ۽ فسادين جي كَن سَهت كجوءِ." قيس بن عبدالملك بن قيس الدمني (٢)، خالد انصاري ۽ هزار پيادن كي سيوستان (سيهوڻ) ۾ ركيائين (٣). مسعود تميمي، ابن شيبه جَدَيْدِي (٣)،

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ "بناند"، جوصحيح نه آهي. (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "الدمني" آهي مگر هي نسبة نهايت مشكوك آهي (ڏسو مٿي حاشيه (١)، ص (١٥١)؛ اسان هت، نسخن جي مختلف قرئتن مطابق هن لفظ جي عاري صورت ڏني آهي. (ن-ب) (٣)-(٣) اصل عبارت: "مسعود تميمي بن شيبة جديدي"؛ مگر صحيح عبارت غالباً "مسعود تميمي و ابن شيبة جديدي" ٿيڻ گهرجي، (چاكاڻ) ته تميمي ۽ جديدي بالكل ۽ جداگانه نسبتون آهن. جن جو هكٻئي سان كوبه واسطو كونهي. "تميمي" جي نسبة بنو تميم ڏانهن آهي جي عدنائي عرب آهن، ۽ "جديدي" جي نسبة بنو جديد ڏانهن آهي جو قبيلو [بنوجديد من بني اسد بن شريك بن مالك بن عمرو بن مالك بن فهم (اشتقاق ابن دريد) ص (٢٩٤) بن غنم بن دوس بن عدثان بن عبدالله بن زهران بن كعب بن الحارث بن كعب بن عبدالله بن مالك بن نصر بن الازد (جمهرة ابن حزم، ص ٣٥٨-٣٥٦)] الازد مان آهي يعني قحطاني عرب آهي. ازانسواءِ تميم ۽ ازد ٻاڻ ۾ جن چانديا مكسي هٿا. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فراس عتڪي (١)، صابر يشڪري، عبدالملڪ بن عبدالله الخزاعي، مهتي (٢) بن عڪڙ، ۽ الوقاء بن عبدالرحمان کي ديبل ۽ نيرون ڪوٽ جي عملداريءَ تي روانو ڪيائين؛ جيئن اهي حدون محفوظ رهن. هليجه نالي، بڪر بن رائيل جي هڪ آزاد ڪيل غلام کي اشبهار (٣) جو گورنر مقرر ڪيائين، ۽ [ابن] علوان بکري (٤) ۽ قيس بن ثعلبة، بن هزارن غلامن سان اتي ٿي رهجي پيا، کين زالون [هيون] ۽ اولاد ٿيو ۽ جتن جي ساري ملڪ کي قبضي ۾ ڪري رهندا آيا.

محمد بن قاسم جي روانگي ٿيڻ جي خبر.

ساڻڌي سڀ جي والي، امير محمد، هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: جڏهن محمد بن قاسم [٢١٨] برهمڻاباد جي بندوبست، ۽ ايرندي، الهندي، ڪوٽن ۽ پسگردائي

---

(١) اصل ۾: فراستي عنڪي. "عنڪي" جي نسبة بنوالعتيڪ قبيلي ڏانهن آهي جو "ازد" مان آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [١٨٧]). "فراستي" نالو عربن ۾ ڪٿي به نظر نٿو اچي ۽ غالباً اهو "فراس" جي تصحيف آهي. (ن-ب) (٢) اصل متن ۾ "سهني"؛ ڏنل تلفظ کي اسان خود صحت جي لحاظ کان سموهيو آهي. (ن-ب) (٣ هٿ فارسي ايڊيشن خواه ر، ن ۾ "اجتهاد" آهي جو غالباً "اشبهار" جي تصحيف آهي. مٿي ص [١٣٢] تي اشبهار جي قلعي ۽ پسگردائي جي جتن جو ذڪر ڪيل آهي. هٿ ۾ هيٺ جتن جي ملڪ جو ذڪر آهي، جنهن مان پانڇجي ٿو تہ صحيح نالو اشبهار هئڻ گهرجي. والله اعلم بالصواب. (ن-ب) (٤) اصل متن ۾ علوان بحري"، مگر محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ علوان نہ، پر سندس پٽ ذڪوان شامل هو. ڏسو مٿي ص ص. [١٠٧، ١٥٥، ١٧١-١٧٢، ١٧٤، ١٨٧ ۽ ١٩٢]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي معاملن مضبوط ڪرڻ کان فارغ ٿيو ، تڏهن خميس جو ڏينهن ، ۳- ماهه محرم سنه چورانوي هه ، منزل پٽي وڃي ، ساڻندي جي بسگردائي ۽ انهي ۽ جاء تي لٿو جنهن کي "منهل" (۱) چون ٿا. (اتي) هڪ فرحت افزا ڏنڊ ۽ سرسبز چراگاهه (هو) ، جنهن کي ڏنڊ وڪر بهار (۲) چوندا هٿا ، انهي ڏنڊ جي ڪناري تي منزل ڪيائين. انهي ۽ پاسي جا سڀ ماڻهو (۳) ، شمني ۽ ٻڌ وارا (۳) ، واپاري هٿا. [اهي] سڀ فرمانبرداري ۽ سان پيش آيا. محمد بن قاسم حجاج جي فرمان موجب سڀني کي امان ڏني فرمايو ته: "پنهنجي وطن ۾ آرام سان آسودا رهو ، ۽ پنهنجي دل وقت تي خزاني ۾ پهچائيندا رهو." پوءِ متن دل مقرر ڪري انهن مان ٻن ماڻهن کي متن رئيس مقرر ڪيائين: هڪ بواد شمني (۴) ،

---

(۱) پ ، م ، ر مطابق ؛ ن ، ب ، ح : مسهل ؛ س ، ڪ : مستهل. (۲) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "دنده و ڪربهاء" آهي جا غالباً م ، ب مطابق آهي ؛ پ : دبده ڪربهاء ؛ ر : دنده وڪربهار ؛ ن : دنده وڪربهاء ؛ ح : وڪربها. اسان ر جي پڙهڻي "دنده و ڪربهار" (= ڏنڊ وڪربهار) اختيار ڪئي آهي ، ڇاڪاڻ ته هن حصي جي شمنين ۽ ٻڌ وارن رهاڪن مان گمان نڪري ٿو ته "وڪربهار" کو هن ايراضي جو ٻڌ جو مندر هو جنهن جي پويان ڏنڊ تي ۾ ناڙو پنجي وڃي. ٻڌ جي مندرن جي نالن جون پڇاڙيون عموماً "بهار" هوندڙيون آهن . (ن - ب) (۳) - (۳) فارسي ايڊيشن ۾ اصل الفاظ: "سمنيان وبدگان". پ ، ن ، ب ، ح ، ڪ ۾ "بدگان" جي بدلي "بهزمان" آهي ؛ س : بهزنان ؛ ر : ارڪان ؛ م : لدڪان. (۴) اصل متن مطابق "سمني بَواد" ؛ ر ، ن ۾ ٻئ "بواد" پڙهڻي آهي ؛ پ : بران ؛ ڪ : بوار. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻيو ٻڌيڻي پٽ پَمَن ديول (١). انهيءَ پاسي جـا ٻهراڙي وارا جَٽ هٿ، جـن سڀني فرمانبرداري قبول ڪئي. سڀني کي حجاج جي پرواني جي حڪم موجب، خوف کان امانَ ڏيڻي، اها حقيقت [حجاج ڏانهن] لکي موڪلياٿين.

جڏهن اها سڄي حقيقت حجاج کي معلوم ٿـي، تڏهن جواب ڏنائين تـ: "حڪم ظاهر آهي تہ جيڪو بـه لڙائي ڪري تنهن کـي قتل ڪريو؛ ٻيءَ صورت ۾ سندن پٽ ۽ ڏيئرون ضمانت طور قيـد ڪري ٻند رک، جيڪي مـاڻهو فرمانبرداري لائق آهـن ۽ سندن دل صاف آهي، تـن کي امـان ڏيڻي سندن ذمـي مـال مقرر ڪريو. ڪاريگرن ۽ واپارين ٽي تمام هلڪو بـار رکجوءِ. جنهن بابت معلوم ٿئي تہ آبادي ۽ کيتيءَ ۾ گهٽي ڪوشش ڪري ٿو، تنهن سان قانوني دل ۾ رعايـت ۽ همدردي ڪئي وڃـي. جيڪو اسلام جي عزت سان مشرف ٿئي، تنهن جي مـال ۽ کيتيءَ مـان عشره (ڏهون حصو) ورتو وڃي؛ جيڪو پنهنجي ڏرم تـي قائم رهي، تنهن جي [٢١٩] ڪارخاني ۽ کيتيءَ مـان ملڪ جي قانون موجب ديواني دل جـو حصو وصول ڪري ڪامورن جي حوالي ڪيو وڃي."

---

(١) فارسي ايڊيشن ۾ هن نالي جي پڙهڻي "بديهي بمن دهول"، ڏنل آهي جا م، ن، ب مطابق آهي؛ ر: "بديهي بمن دهول"؛ پ: مائي زن داهر؛ ڪ: بدهي. اسان ر جي پڙهڻي جي مناسبت سان، سندي نالي ۽ اچار مطابق "ٻڌيڻي [پٽ] پمن ديول" ڪري لکيو آهي. [ن ـ ب]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پوء [محمد بن قاسم) اتان منزل پٽي وڃي بهراور (١) ۽ لٿو. اتي پٺ سليمان بن نبهان ۽ [قبيلي] کندهه جي آزاد ڪيل غلام ابوفضل القشيري کي سڏي، خداء عزّ وَ جلّ، ۽ وڏيڪ تاکيد لاء کندهه جي اولاد جا قسم ڏيئي (٢)، ڪين جنيد بن عمرو ۽ بني تميم منجهان جماعت سان محبت ڪرائي، گڏي، اهل بهراور جي [علائقي جي] دنگ ڏانهن موڪلياٿين (٣)، جتي هو وڃي مقيم ٿيا. عمرو بن مختار الاڪبر

---

(١) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "وبه هراور نزول کرد"، ۽ ان لحاظ سان هي نالو "هروز" ٿي سگهي ٿو. ر، ن جي عبارت: "و بهراور نزول کرد" يعني "بهراور" هڪ ڪڏهل لفظ آهي ۽ اسان جي خيال ۾ اهو مفرد نالو آهي ۽ نہ "به + هراور" جو مرڪب. ممڪن آهي تہ اصل نسخي جي عبارت "وبه بهراور نزول کرد" هجي ۽ ڪاتبن پهرئين "به" کي زائد سمجهي نہ لکيو هجي. اسان جي هن گمان جو پهريون سبب هن نالي جي ب ۾ ڏنل پڙهٽي ("تهراو") آهي جنهن سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن نالي جي اصل عاري صورت "تهراو" يا "تهراور" آهي، يعني تہ هن نالي جي شروع ۾ "ه" ڪان اڳ هڪ ڪهر يا دندان آهي. پيو سبب هيٺ ڏنل، غالباً ساڳئي نالي "بهراور" جي، جملہ قلمي نسخن ۾ "بهرج" پڙهٽي آهي، جنهن جي شروع وارو اڌ حصو "بهر" آهي. (ن-ب) (٢) - (٢) فارسي ايڊيشن جي عبارت هن طرح آهي: "وايشانرا و آنجماعة را به جنيد بن عمرو و بني تميم داد و بحد اهل بهرج فرستاد"؛ مگر هڪ نہ سڀني نسخن ۾ پهرين "به" جي بدران "از" آهي، ۽ پيو تہ سڀني نسخن ۾ "بني تميم" بعد هيٺيان ٻہ ٽي الفاظ آهن، جي ايڊيٽر مبهم سمجهي ڇڏي ڏنا آهن. ب: محبت؛ ن، ب، ح: منجست سبّه؛ س: محبت بسته؛ ك: سنجت سبّه.

(ڏسو حاشيہ، صفحو ٣٢٤)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

الحنفي کي نائب مقرر ڪري، نالورن سردن جي هڪ جماعت سندس فوج ۾ رکيائين.

سمن جو استقبال ٿي اچڻ.

پوء سمن جي قبيلن ڏانهن رخ رکيائين. ويجهو پهچڻ تي هنن دهل ۽ شرنائون وڄائي، ناچ ڪندي، استقبال ڪيو. محمد بن قاسم پڇيو ته: "هيءُ لڙ ڇاجو آهي؟" ٻڌايائون ته: "سندن رسم آهي ته جڏهن ڪو بادشاهه يا حاڪم ٿئون ٿيندو آهي، تڏهن خوشي ڪري راندين ۽ راڳ-ن سان پيش ايندا آهن." پوء خُرَيم بن عَمْرَو، محمد بن قاسم وٽ آيو ۽ چيائين ته: "خدا تعالي جي تعريف ۽ تهليل (١) چوڻ اسان تي واجب آهي، جنهن هيءَ جماعت اسان جي تابعيدار ۽ حڪم هيٺ ڪئي آهي، ۽ اسان جو حڪم هن ملڪ ۾ جاري ٿيو آهي." خريم هڪ [٢٢٠] دانهءَ ۽

غالباً "محبت بسته" يعني "محبت ڪرائي" صحيح آهي (ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [٢٢٠]) ؛ ۽ انهيءَ لحاظ سان هيءَ فارسي عبارت هن طرح ٻڌندي: "وايشانرا و ان جماعت را از جنيد بن عمرو وبني تميم محبت بسته، داد و بحد اهل بهرج فرستاد". ترجمو ته انهيءَ لحاظ سان ڪيو ويو آهي. مگر "بهرج" غالباً "بهراور" جي تصحيف آهي ؛ ڇاڪاڻ ته بهرج جو شهر، جنهن جو ذڪر متي [٧٦] ۽ [٨٢] صفحن تي اچي چڪو آهي، ان وقت جي سنڌ جي حدن کان ٻاهر ۽ مڪران کان ٻ الهندي غالباً سيستان جي حدن ۾ هو ۽ هت انهيءَ جو ذڪر بي موقعي آهي: محمد بن قاسم "بهراور" ۾ اچي لٿو ۽ انهي بهراور علاقي جو انتظام ٿي سندس پيش نظر هو. (ن - ب)

(١) يعني ذكر لا إله إلا الله چوڻ. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوشيار شخص هو، ۽ تنهن سان گڏ ديندار ۽ امانت وارو هو.
محمد بن قاسم سندس بيان تي کلي چيو تہ: "انهن جي حڪومت
توکي عطا ڪئي ويئي"۔ ۽ ٻوء [انهن سمن کي] سندس
آڏو نـــاچ ۽ تماشي ڪرڻ جـو حڪم ڏنائين. (انهيءَ تي)
خريم، مغربي سون جا ويهہ دينار کين انعام ڏنا ۽ چيائين تہ:
"هيءَ بادشاهي رســـم آهي، جو جڏهن ڪنهن حاڪم جي
اچڻ ڪري خوشي ڪن ٿا ۽ الاهي شڪر بجا آڻين ٿا تہ
هيءَ نعمت انهن وٽ سدائين قائم رهندي."

محمد بن قاسم جي لوهاڻي مان سهتہ (علائقہ) ڏانهن منزل ڪئي (۱).

(۲) ڳالهين جي راوي، علي بـــن محمد کـان [۽ ان]
عبدالرحمان بن عبدربہ السليطيءَ کان هن طرح روايت ڪئي
آهي (۲) تہ: جڏهن محمد بـــن قاسم لوهاڻي [پرڳڻي] جي

---

(۱) اصل عنوان "منزل ڪردن محمد بن قاسم بطرف لوهانہ و سيهتہ" يعني محمد بن قاسم جو لوهاڻہ ۽ سهتہ علائقن طرف منزل ڪرڻ؛ مگر هيٺ ڏنل بيان مان واضح آهي تہ محمد بن قاسم، لوهاڻہ جي علائقي جو انتظام مڪمل ڪري چڪو هو، ۽ هاڻي سهتہ يا سهتن جي علائقي واري ايراضي ڏانهن منزل ڪيائين. (ن ـ ب)

(۲) - (۲) اصل عبارت: "راوي احاديث از علي بن محمد بن عبدالرحمان بن عبدالله السليطي چنان روايت کرد". حقيقت ۾ علي بن محمد (المدائني) ۽ عبدالرحمان ۾ جدا نالا آهن. محمد ۽ عبدالرحمان جي وچ ۾ "بن" غلط آهي ۽ غالباً "عن" (يعني کان) جي بگڙيل صورتخطي آهي. عبدالرحمان بن عبدالله ۾ غلط آهي، صحيح نالو عبدالرحمان بن عبد ربہ السليطي آهي جنهن جو ذڪر مٿي [۸۱، ۹۳ ۽ ۹۹] صفحن تي اچي چڪو آهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪم ڪـــان واندو ٿي، ڏهڙه [قوم جي برڪٽي] جـي منزل تي آيو، تـــ سندن رئيسن ۽ مکيه ماڻهن مٿا ۽ پير اگهاڙا ڪري سندس استقبال ڪيو ۽ امانَ گهري. انهن کي پـــڻ امـــانَ ڏيئي، (مٿن) ڏل مقرر ڪري ضـــامـن ورتائين، ۽ رستي جـون منزلون طئي ڪري اروڙ پهچڻ گهرائين. هنن جي سونهن کـي اڳ ۾ ڪري اروڙ تائين آيـــا، جو شهر هند جـــو تختگاهه ۽ سنڌ جـو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، ۽ اتي جـــا رهاڪو اڪثر ڪري واپاري، هنرمند ۽ هـــاري آهن. راجا ڏاهر جـو پٽ گوپي (١) انهيءَ قلعي تي قبضو ڪيو ويٺو هو، ۽ ڪوبه ماڻهو راجا ڏاهر جي ڪنهن وڃڻ جي خبر سندس اڳيان بيان ڪري نٿي سگهيو. هـو چوندو ٿي رهيو تہ: "راجا ڏاهر اڃان جيئرو آهي، ۽ هند جي لشڪر وٽي اڃڻ لاءِ ويل آهي، جيئن انهن جي قوت ۽ مدد سان عرب جـي لشڪر جـــي سامهون ٿئي." [محمد بـــن قاسم] هڪ مهينو انهيءَ قلعي جـي سامهون هڪ ميل پنڌ تـــي ڇانوڻي هٽي ويٺو؛ (اتي) هڪ مسجد جـــو بنياد رکيائين، ۽ جمعي جي ڏينهن اتي خطبو پڙهيائين.

اروڙ وارن سان جنگ ڪرڻ.

پـــوءِ اروڙ وارن ســـان جنگ شروع ڪيائون؛ انهن (اروڙ وارن) کـــي اميد هٿي تـــ ڏاهر کا مـــدد [٣٢١]

---

(١) اصل صورتخطي: "قوني" کيل ترميم لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ١٠ ص ٢٢٢. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آڻيندو سو قلعي جي مٿان نعرا ٿي هنيائون تہ: "توهان کي جان ۽ مال جي معافي کائن سلندي، جو ڏاهر مدد وٺيو ٿو اچي؛ هائين، سوارن ۽ پيادن جو بي انداز زبردست لشکر توهان جي پويان ايندو، ۽ اسين قلعي کان باهر نڪري توهان جي لشکر کي شڪست ڏينداسون، هينئر توهان پنهنجو مال ۽ اسباب [خوامخواه] برباد تا کريو: پنهنجي جان تي رحم کري پڇي وڃو مٿان برباد ٿيو. [هيءَ] نصيحت کن کريو."

ڏاهر جي زال لاڏيءَ جو اروڙ جي قلعي وارن سان گالهائڻ لاءِ وڃڻ.

محمد بن قاسم جڏهن لڙائي ۾ سندن جانفشالي ڏٺي، ۽ سندن مقابلو نظر مان ڪيائين تہ هو [ڪنهن به طرح] ڏاهر جو ڪسي وڃڻ قبول نٿا ڪن، تڏهن ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي ـ جا غنيمت جي مال مان خريد کري، پنهنجي نڪاح هيٺ آندي هئائين ـ انهيءَ کاري اک ٻڌي، جنهن تي ڏاهر جي زال [گرفتار ٿيڻ وقت] سوار هئي، سواو کري پنهنجن اعتماد جوگين ماڻهن سان قلعي جي اڳيان موڪليائين، تان جو ان [وبجهو وڃي] بلند آواز سان چيو تہ: "اي قلعي وارؤ! توهان کي جگائي چوٽي اسر، سامهون اچي بيهو تہ، چوان." [هيءَ ٻڌي] مڪيہ ماڻهن جو هڪ ٽولو قلعي جي مٿان چڙهيو. ٻوءِ لاڏي منهن کولي چيو: "مان آهيان ڏاهر جي زال لاڏي. اسان جو راجا کسي ويو، ۽ سندس

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سير جهنڊن سان گڏ عراق ڏانهن، ۽ چيٽ دارالخلافت ڏانهن، موڪليائون. توهان پاڻ کي بربادي ۾ نه اڇلايو"۔ (قوله تعالي) وَلَا تُلْقُوا بِأَيْدِيكُمْ إِلَى التَّهْلُكَةِ (١) (پاڻ کي بربادي ۾ نه اڇلايو)۔ پوءِ دانهن ڪري زار زار رڙڻ ۽ پڙ ڪيڻ لڳي. هو قلعي مٿان چڙي رهيا هئا تہ: "ڪوڙ ٿي ڳالهائين: تون پڻ هن چنڊالن ۽ ڊگهي ڪائيندڙن سان ملي هڪ ٿي ويئي آهين. اسان جو راجا اڃا جيئرو آهي. وڏو لشڪر، زبردست ڪٽڪ ۽ مست هاٿي ساڻ ڪري دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ ايندو. تو پاڻ کي عربن سان خراب [٢٢٢] ۽ ڪنو ڪيو آهي، ۽ سندن حڪومت کي اسان جي ملڪ تي ترجيح ٿي ڏين." [اهڙيءَ طرح] هوگارين ڏيندا ٿي رهيا. هي خبر وڃي محمد بن قاسم کي پهتي، جنهنڪري لاڏيءَ کي واپس گهرائي، محمد بن قاسم چيو تہ: "سيلائچ جي گهراڻي کان بخت بيزار ٿي چڪو آهي."

هڪ جادوگرياڻي جو ڏاهر جي موت بابت جاچ ڪرڻ.

هن ڳالهه جي سنوارينڊڙن هن طرح بيان ڪيو آهي تہ: اروڙ جي قلعي ۾ هڪ جادوگرڻ رهندي هئي (٢)، جنهن کي هنديءَ ۾ "جوگڻي" چوندا آهن (٢). گوپي [پٽ] ڏاهر (٣) ۽ شهر جي مکيه ماڻهن انهيءَ وٽ وڃي عرض ڪيو تہ: "تنهنجي علم مان اميد آهي تہ اسان کي راجا ڏاهر جي خبر

---

(١) سورة البقرة: رکوع - ٢٤. (ن - ب) (٢) - (٢) اصل عبارت: ڪه به هندوي جوگني گويند (٣) اصل ۾، قوفي داهر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ملندي تہ ڪٿي آهي؟" جادوگرياڻيءَ چيو تہ: "مون کي اڃوڪو ڏينهن مهلت ڏيو تہ مان جاچ جوچ ڪري پوري خبر وٺي توهان کي واقف ڪريان." پوءِ گهر ويئي ۽ ٽن پهرن کان پوءِ سراندیپ جي بيٺ مان مرڇن ۽ جافر جي وڻ جي تازي ۽ سائي شاخ مڪڙين، گلن، ۽ ڦر سميت هٿ ۾ ڪٿي موٽي آئي ۽ چيائين: "قاف کان قاف تائين ساري دنيا جو سير ڪيم، پر سنڊ ۽ هند ۾ ڪنهن به جاءِ تي سندس نشان به ڏسڻ ۾ ڪونہ آيم، ۽ نہ ئي کا سندس خبر پڌيم وڃي پنهنجي کا تدبير ڪريو. جيڪڏهن جيئرو هجي ها تہ مون کان ڳجهو پاسيرو نہ رهي ها. هن خبر جي تصديق لاءِ سراندیپ مان سايون تاريون توهان وٽ ڪٿي آئي آهيان، جيئن توهان کي مون ۾ بدگماني نہ ٿئي. مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ توهان جو راجا روءِ زمين تي جيئرو ڪونہ آهي.

پڪو انجام وٺي، اروڙ جو قلعو حوالي ڪرڻ.

هن خبر معلوم ٿيڻ تي شهر جي عام خاص ماڻهن چيو تہ: "اسان محمد بن قاسم جي دينداري ۽ پرهيزگاري، انصاف ڏيڻ ۽ انصاف وٺڻ، عدل ۽ فضل، انجام جي پورائي، ۽ قول جي سچائي [۲۲۳] پڌي چڪا آهيون، ۽ هاڻي [خود اکين سان] ڏٺوسون. اسان کي گهرجي تہ ڪنهن اعتماد جوگي ماڻهوءَ جي معرفت پيغام موڪلي، امانَ گهري، قلعو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سندس حوالي ڪريون." (هوڏانهن) گوپيءَ (۱) ڪي جڏهن ڏاهر جي ڪمڻ ۽ رعيت جي پريشان ٿيڻ جي خبر پئي، تڏهن جيئن ستارن جو بادشاه (سج) ڪاريءَ رات جي پردي ۾ گهڙي وڃي (۲) تہ پنهنجو ڪٽنب ۽ پوٽلڪ وٺي، قلعي کان نڪري چترور (۳) هليو ويو. سندس پائٽر [۴] جيئسينهه ۽ وڪيو (۴) ڏاهر جا پٽ، [پٽ] اتي هئا، جي نزوالهٔ صدل [۵] نالي هڪ جڳهه. تي رهيل هئا. پوءِ علافين مان هڪ مائهو جو گوپي (۱) جي موافقت ۾ اروڙ ۾ رهيل هو، تنهن گوپي (۱) جي پڇڻ ۽ لڳي وڃڻ جي خبر لکي تير سان هڏي اڇلائي تہ: گوپي [پٽ] ڏاهر اروڙ جي حڪومت ڇڏي ڪنهن پاسي لکي ويو.

(روايت): محمد بن قاسم لشڪر کي جنگ تي موڪليو؛ جنگي جوڌا ۽ دلير بهادر قلعي جي پٽ تي چڙهي ويا ۽ وڃي جنگ جوئيائون.

---

(۱) هن ۽ ايندڙ صفحي تي پ، ن، ب، ڪ جي متفق پڙهڻي "قوني" آهي؛ ل جي "قوني" يا "قوني"؛ م: "قوني"، جا پڙهڻي فارسي ايڊيشن جي متن ۾ رکيل آهي؛ ڪيل ترسير لاءِ ڏسو مٿي حاشيو-۱ ص ۲۲۲. (ن - ب) (۲) يعني راتو واهه (۳) هي پڙهڻي پ مطابق آهي. ن، ل، جتور؛ ب، س، چتور. (۴) - (۴) فارسي ايڊيشن جي عبارت، "جيسيه و د کيه" جا شايد پ مطابق آهي. ل، م، جيسه دوکيه، ن، ب، ح، جيسيه و وکيه. اسان هن آخري پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ "وکيه" يعني "وکيو" قديم سنڌي نالو آهي. (ن - ب) (۵) هن نالي جي پڙهڻي ن، ب، ح مطابق ڏني وئي آهي ۽ فارسي ايڊيشن ۾ پڻ اها پڙهڻي قائم رکيل آهي؛ ل، م، نزول صندل، پ، ڪ، نزوانه هدل؛ س- بزواله صدل. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

رعيت ۽ کاسبين جي امان گهرڻ.

پـــوءِ واپارين، کاريگرن، ۽ کاسبين مـــاڻهن پيغام موکليو تـــ: ”(امان) برهمڻ جي بيعت کان بـــاز آياسون، جو راجا ڏاهر امان کان وهو ۽ سندس پٽ (گوپي) بـ منهن موڙيوءِ امان تـــ هيءَ ڏينهن نٽي گهريو، پـــر جڏهن هن سچي ڪالهه لاءِ حڪم الاهي ٿـي چڪو آهي، تڏهن ڪنهن مخلوق کي انهيءَ تقدير سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت نہ آهي، ۽ (اها) جنگ بـــا حيلي ســـان ڪري کين سگهندي. دنيا جون بادشاهيون ڪنهن ماڻهوءِ جي ملڪيت نـ آهن: جيڏن تہ قضا جي لشکر غيب جي پردي مان حملو ڪري، ڪن راجائن کان ڪنهن ڀهاني [۲۲۴] سان تخت ۽ تاج کسيو، ۽ ڪن کي زماني جـــي گذرڻ؛ حـادثن ۽ مصيبتن ســـان شڪست خـــورده ۽ زير بـار ڪيو، تنهنڪري نـــ قديم بادشاهيءَ تي ڀروسو رهيو، نـــ نئينءَ حڪومت تي: [بلڪ حڪومت] جنهن جي هـــٿ ۾ اڄي انهيءَ جي ئي قبضي ۾ رهڻ گهرجي، تنهنڪري اســـان تنهنجي خدمـت ڏانهن رخ ڪريون ٿا: ۽ تنهنجي عـــدل ۽ انصاف جي وسيلي تنهنجي تابعداريءَ جو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي، قلعو امير عادل جي امينن جي حوالي ڪريون ٿا. امان کي امان ڏنئي لشکر جـي خوف کـــان بيخوف فرماءِ هـــيءَ قديم بادشاهت ۽ وڏي امانت راجا ڏاهر امان جي حوالي ڪئي هئي؛ جيستائين خيات هو تيستائين سندس نمڪ جو حق بجا آڻيندا رهياسون؛ پر جڏهن ڏاهر ڪسي وهو، ۽ سندس پـــٽ گوپي پٽ هليو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وبو ، ڏهن تنهنجي خدمت ڪرڻ اسان لاءِ وڏيءَ مناسب آهي."

(جواب): محمد بن قاسم جواب ڏنو تہ: "مون اوهان ڏانهن پيغام ڪونہ موڪليو هو ، ۽ نہ ڪو قاصد روانو ڪيو هو. توهان پاڻ ۾ اتفاق ڪري امانَ گهرو ٿا ۽ پڪو انجام ڪريو ٿا. جيڪڏهن توهان جو اسان جي خدمت ڏانهن لاڙو ۽ رضامندو سچو آهي، تہ جنگ کان هٿ جهليو ۽ پڪي انجام ۽ پوري اعتماد سان لهي اچو؛ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ توهان ۽ اسان جي وچ ۾ دشمني آهي. هن کان پوءِ توهان جو ڪوبہ عذر نہ ٻڌنداسون، ۽ نڪي قبول ڪنداسون، نڪي معاف ڪنداسون؛ توهان کي اسان جي لشکر جي خوف کان بيخوف نہ رهڻ گهرجي."

قلعيوارن جو انجام.

[انهيءَ تي قلعيوارا] پٽين تان لهي آيا ۽ هڪڙي سان عهد اقرار ڪري چيائون تہ: "هن قول تي در کولي تيستائين بيهون ٿا، جيستائين محمد بن قاسم اچي، [پوءِ] جيڪڏهن پنهنجي انجام تي هلبو تہ فرمانبرداري ڪنداسون ۽ خدمت جي طريقي تي هلنداسون ، جيئن مهرباني ڪري [۲۲۵] اسان کي قبول ڪري ۽ امانَ ڏئي. ٻيءَ صورت ۾ نڪيءَ جو خيال ڪجؤ." پوءِ قلعي جون ڪنجيون هٿن ۾ کڻي دروازي وٽ آيا؛ حجاج جا جيڪي امين وچ ۾ هٿ، سي ذريعو بنيا، ۽ قلعيوارا در کولي سنيري بيٺا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو قلعي ۾ اچڻ.

پوءِ محمد بن قاسم دروازي کان اندر آيو. [سندس اچڻ جو ٻڌي] سڀ شهري نوبهار بتخاني وٽ گڏ ٿي؛ بت کي سجدو ڪرڻ ۽ پوڄڻ لڳا.

(روايت): محمد بن قاسم پڇيو تہ: "هيءُ ڪنهن جو گهر آهي؛ جو سڀ ننڍا وڏا مائهو گوڏا کوڙي خدمت ۾ حاضر ٿي سجدو ڪري رهيا آهن؟" چيائون تہ: "بتخانو آهي جنهن کي نوبهار چوندا آهن." محمد بن قاسم جي چوڻ تي بتخانو کوليائون ۽ هو پنهنجي امين سان گڏ اندر ويو. هڪ سنگمرمر جي ٺهيل مورتي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺائين، جنهن جي هانهن ۾ جواهرن ۽ ياقوتن جي جڙاءُ سان سونا ڪنگڻ پيل هئا. محمد بن قاسم هٿ بڌو ڪري، بت جي هٿ مان ڪنگڻ لاهي ورتو؛ پوءِ نوبهار بت جي مجاور کي سڏي چيائين تہ: "توهان جو بت هيءُ آهي؟" چيائين: "هائو! پر ڪيس هي ڪنگڻ هنا جن سان هڪ ننڍو ڏيکارجي." محمد بن قاسم چيو تہ: آخر توهان جي معبود کي ايتري خبر ۾ نٿي پوي تہ سندس ڪنگڻ ڪنهن وٽ آهي؟" مجاور ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. محمد بن قاسم مرڪي ڪنگڻ کيس واپس ڏنو، جو وري بت جي هانهن ۾ وڌائون.

محمد بن قاسم جو لڙائي ڪندڙن کي قتل ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ: لڙائي ڪندڙ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو اگرچ نرسائبرداري لاءِ ڪنڌ جهڪائين ٿا، ٻا، ڪين نه چڏيو وڃي." جنهن تي لاڏيءِ چيو ته: "هن ملڪ جا ماڻهو رڙا آهن، ۽ ڪي واپاري آهن: هيءُ شهر انهن جي ڪري ئي آباد ۽ سرسبز آهي. سندن ئي ڪمائي ۽ کيتيءِ [۳۲۶] ڪري خزاني ۾ مال موجود ٿو رهي. جيڪڏهن (انهن کي) قتل ڪندين تہ، تنهنجو مال هليو ويندو." محمد بن قاسم چيو: "راڻي لاڏيءِ هيءُ نيصلو ڪيو، تہ انهن سيني کي (جڙ) امانَ ڏنائين."

هڪ شخص جو باهر نڪري امانَ گهرڻ.

هن ڳالهہ جا راوي ۽ هن تاريخ جا بيان ڪندڙ هن طرح ٻڌائين ٿا تہ: جيڪي ماڻهو قتل لاءِ جلادن جي حوالي ڪيا ويا هئا، تن مان هڪ شخص باهر نڪري چيو تہ: "مون وٽ هڪ عجيب (شرڪت) (۱) آهي." جلاد چيو تہ "مون کي ڏيکار." هن چيو تہ: "امير کان سواءِ تو کي نہ ڏيکاريندس." ٻوءِ محمد بن قاسم کي خبر ٻڌايائون جنهن چيو تہ: "هن کي وڏي اچو." اڇڙ تي چيائينس تہ: "تو وٽ کڙي عجيب شرڪت آهي؟" هن چيو تہ: "اهڙي شيءِ جا ڪنهن ٻہ نہ ڏني آهي." محمد بن قاسم چيو تہ: "ڏيکار." برهمڻ چيو تہ: "انهيءِ شرط سان، تہ مون کي

(۱) هت لفظ "عجبي" آهي ۽ هيٺ "عجب" يعني عجيب شيءِ. ٻهراڙيءِ جي زبان ۾ "عجيب شيءِ کي "شرڪت" چوندا آهن، ۽ اسان ٻہ اهو لفظ ترجمي ۾ رکيو آهي (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

منهنجن تابدارن، عيال ۽ هارن سيني کي امـــانَ ڏيندين؟" محمد بن قاسم چيو تـــ: "امانَ ڏنم." (برهمڻ) چيو تـــ: "پنهنجي نشان مبارڪ سـان دستخط ٿيل پروانو عطا ڪر." محمد بن قاسم سمجهيو تہ شايد قيمتي جواهر يا قيمتي زيور وڻس آهن. سـي پيش ڪندو [۽ انهيءَ ڪري ڪو پروانو صحيح ڪيائين]. جڏهن ڪو انجام ڏي چڪو ۽ دستاويز لکيو تڏهن ڏاڙهيءَ جون ڳنڍيون کولي ڪنڌ بريائين، ۽ سندس (ڏاڙهي جي) چوڻي پير جي آڱوٺي سان ويڙهي اڻي ٻيهي نچڻ لـــڳو. ۽ هن طرح چوڻ لڳو- شعر:

کس ندیدست این عجب کہ مرا ست
موئي ريشم همـي کشان تـا پا ست
[هي عجب منهنجي جهڙو ڪنهن نہ ڏٺو
ڏاڙهي منهنجي رسي ٿـــي پيرن تـي]

محمد بـــن قاسم کي تعجب ٿيو. جيڪي ماڻهو حاضر هٿا تن چيو تـــ: "هيءُ ڪهڙو عجائب آهي، جنهن جـي وسيلي امانَ گهري ائس؟ هـن امان کي نگهيو آهي." [پر] محمد بن قاسم [۲۲۷] چيو تـــ: "قول، قول آهي ۽ انجام، انجام: پنهنجي انجام کان ڪنڌ بزرگن جـــو ڪم نہ آهي"- رباعي:

منگر تو بدان کہ ذوفنون آید مـرد
در عهد ونا نگر، کہ چون آید مرد
در عهدهٔ عهد اگر برون آیـد مـرد
از هرچه گمان بري، فزون آید مرد.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[هرگز نہ ڏسج تہ باکمال آهي مرد
پر ڏس تہ وفا سان باجمال آهي مرد
انجام جو اگر پابند هو ٿو رهي
وڏو هجي گمان کان خوش خصال آهي مرد].

[آخر] امير محمد بن قاسم چيو تہ: "هن کي قتل نٿو کريان پر قيد ۾ ٿو رکان، ۽ هيءَ حقيقت حجاج بن يوسف جي خدمت ۾ عرض ٿو کريان تہ چاڻو فرمائي." پوءِ کيس سندس ٻہ سؤ قربين ۽ لاکپيدارن سميت بند کري، سندس ذکر حجاج ڏانهن خط ۾ لکيائين. حجاج هيءَ معاملو بصري ۽ کوفي جي عالمن کان پڇيو، ۽ وقت جي خليفہ وليد بن عبدالملک کي (پڻ) خبر ڏني. خليفي ۽ علمائن جو جواب پهتو تہ: (هن کان اڳ) رسول کريم عليہ الصلواة والسلام جي اصحابن جي درميان ٻن اهڙيون دعوائون (فيصل) ٿي چڪيون آهن. (ڏسو) الله جو قول (١): رِجَالٌ صَدَقُوا مَا عَاهَدُوا الما عَلَيْهِ (اهي مرد جن اهو وعدو سچو کيو جو الله سان کيو هئائون).

اهو جواب جڏهن حجاج جي خط ۾ پهتو، تڏهن انهيءَ کي سڀني تابعدارن ۽ لاکپيدارن سميت آزاد کيائين.

جَيْسِينْهَ جو کيرج ڏانهن وڃڻ.

وڏن ۽ مکيہ ماڻهن کان (پڌل) گالهيون کن ٿا تہ، جَيْسِينْهَ ست سؤ پيادا ۽ سوار ساڻ کري کيرج جي قلعي

(١) سورة الأحزاب: رکوع - ٣. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻ ڀٽو، ڏڻ ڪيرج جي راجا (سندس) استقبال ڪيو ؛ ڏاڍي مهرباني ڪري، خوب وڏن سان دلداري ڏيئي چيائين تہ: "تو کي اسلامي لشکر جي (خلاف) جنگ ٻ مدد ڪندس." دروهر راءِ [٢٢٨] جي رسم هئي تہ: سيکڻن ڇهين مهيني هڪ ڏينهن واندو ٿي، زالن سان شراب پيئندو ۽ راڳ ناچ ڪندو هو ، ۽ ڪنهن بہ اجنبيءَ کي سندس خلوت واريءَ مجلس ٻ اندر وڃڻ جي اجازت ڪانہ ڏيندا هئا. قضا الاهي جو جڏهن جيسينہ [بن] ڏاهر اني ڀٽو، ڏڻ راجا دروهرا راءِ جي جشن جو ڏينهن هو. جيسينہ ڏانهن مائهو موڪلي چيائين تہ: "اڄ اسان جي خلوت آهي، ۽ اگرچ کوبہ نامحرم اسان جي خلوتسراء ٻ اچي نٿو سگهي، پر تون اسان جو پيارو مهمان ۽ فرزند جي بجاءِ آهين تنهنڪري قدم رنج ڪري هليو اچ." [انهيءَ اڄ تي] جيسينہ اچي راجا جي زالن جي وچ ٻ مجلس ٻ ويٺو. جيسينہ ڪنڌ هيٺ ڪري زمين تي ليکا ڀڻي ڪڍيا، ۽ انهن زالن ڏانهن نڪي نهاريائين . اني دروهر چيو تہ: "هي ڏولو تنهنجون مائرون پيرون آهن ؛ بيشڪ ڪنڌ مٿي ڪٿي نظارو ڏس."

(جيسينہ جو انڪار ڪرڻ): جيسينہ چيو تہ: "اسان بنيادي راهب آهيون، تنهنڪري نامحرم عورتن ڏانهن نہ ڏسندا آهيون." پوءِ راجا دروهر هن کي (زالن ڏانهن) ڏسڻ کان معافي ڏيئي، سندس پرهيزگاري ۽ حياءَ جي تعريف ڪئي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گالهه ٿا ڪن ته: جڏهن زالون اڇي گڏ ٿيون ته (انهن ۾) دروهر جي ٻيڙي، چڱي - يعني حسين ۽ جميله - (پڻ) هئي. جيئسينڌ ٻن بادشاهڻ هار هو جنهن جو حسن ڪامل هو: قد صنوبر جهڙو، صورت نازڪ، سيرت سهڻي، سندس الفاظ موتين جهڙا، آواز مٺو، اکيون نظاريدار، ۽ ڳل لعلن ۽ موتين جي مٺ هئا. دروهر جي ٻيڙي هن، ڪي ڏٺو، ۽ (ڏسڻ سان) جيئسينڌ جي محبت سندس دل ۾ گهر ڪري ويٺي [۲۲۹]: هرگهڙي [ڪيس] ڏسڻدي ۽ ناز و ادا سان چاپلوسي ڪندي رهي.

جيئسينڌ جڏهن اوطاق ۾ موٽي آيو، تڏهن دروهر جي ٻيڙي اڻسي پنهنجي گهر ويٺي، ۽ [وڃڻ سان] هڪ مُحفو (مانو) تيار ڪرائي انهيءَ ۾ ٽسي ويٺي، جو ٻانهين ڪان ڪٻائي، جيئسينڌ جي رهڻ واري جاءِ تي آئي. ٻوءِ محفي مان لهي اندر ويٺي. جيئسينڌ کي نند اڇي ويٺي هئي چڱيءَ مان شراب جي بوءِ سندس دماغ ۾ پيٽي ته سڃاڻي ٿيو، ۽ چڱيءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويهڻ ڏسي ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ چيائين: "شهزادي جو ڪهڙي ڪم سان اڇڻ ٿيو آهي؟ هن طرح ڪنن آيا آهيو؟" عورت چيو ته: "اي احمق! هن حقيقت پڇڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. هڪ سهڻي ۽ جوان عورت عين اندهري رات ۾ تو جهڙي شهزادي جي ديدار لاءِ اڇي مٿيءَ نند مان جاڳائي، تو سان هم‌بستر ٿيڻ چاهي - خصوصاً مون جهڙي محبوب، جنهن جي ناز ۽ نخري تي ساري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دنيا مفتون آهي، ۽ سندس وصال لاءِ سارو جهان ديوانو: شهزادي کان هيءَ گالهه مخفي رهڻ نه گهربي هئي، ۽ حقيقت کي چگيءَ طرح سمجهي وڃڻ گهربو هو، ۽ هن کاميابيءَ کي صبح تائين غنيمت سمجهڻ گهربو هو." جيسينڈه وراڻيو تہ: "اي راجا جي نياڻي! اسان کي پنهنجي نڪاح پڌي حلال عورت کان سواءِ ڪنهن بہ نامحرم عورت سان ميل ميلاپ رکڻ جي مجال نه آهي. هيءَ ڪم اسان کان نہ ٿي سگهندو، چاڪاڻ تہ اسين برهمڻ راهب ۽ پرهيزگار آهيون. بزرگن، پرهيزگارن ۽ آزاد عالمن کي اهڙا ڪم ڪرڻ نه جڳائين. خبردار! متان اسان کي هن وڏي گناهه ۾ ڦاسايو اٿيئي." هن (چگي) گهٽيون ٿي نيزاريون ڪيون، پر (جيسينڈه) بہ توجهه ڪونہ ڪيو، ۽ ڪيس ٿي ترڻ هٿي ڇڏيائين.

چگيءَ جو جيسينڈه کان نااميد ٿيڻ.

نااميد ٿيڻ تي چگيءَ چيو: "اي جيسينڈ! مون کي هن دلي ارادي [۲۳۰]، نفساني لذت ۽ روحاني خواهش کان محروم سو ڪيو اٿيئي، باقي مان بہ پاڻ تي واجب ٿي سمجهان تہ پهريائين توکي برباد ڪندس، ڏنون کان پوءِ پاڻ کي بہ هٿ جي خوراڪ بنائيندس." پوءِ پنهنجي جاءِ تي موٽي آئي، ۽ نند جا ڪپڑا پهري بستري تي ليٽي پئي:

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هوءَ شام کان صبح تائين (برهم) جي بـاهم ۾ پچي ۽ پچري رهي هئي، ۽ هيءُ بيت (۱) ٽي پڙهيائين ـ رباعي:

"تا عشق و جمال تو شـده دل سوزم،
وين شمع جمال نُسـت جـان افروزم،
انصافـم ده، و گر نـه فريـاد کنم،
خود را و تـرا و شهر درهـم سوزم."

[دلدار تنهنجي عشق منهنجي دل کي آ ساڙيو،
آ، سونهن تنهنجي شمع مثل جـان کي گهاريو،
آءٌ دانهن کندين جلندو جنهن ۾ شهر ۽ تون مان،
نه تہ منهنجا سڄڻ مون کي اچي جلد جياريو.]

هٿي ڏينهن جـڏهن ستارن جـو بادشاهہ (سج) آسمان جي برجن مان نڪتو ۽ سُرمائي هردو قاڙي قٽو ڪيائين (۲)، تڏهن به چڱي سُٽي رهي. شراب جو نشو، جدائيءَ جي نشي سان شامل ٿيل هـو ۽ منجهند تائين کڻو پايو پيئي هئي. هوڏانهن راجـا دروهر جي هيءَ حالت هوندي هئي جـو جيستائين سندس پٽ چڱي نـه ايندي هئي ۽ سندس منهن نہ ڏسندو هو، تيستائين کاڌو پيتو نـه کائيندو هو. سندس ڏاڍي عزت ۽ تعظيم کندو هو. سـو اڄي پٽ جي جاءِ تي وٺو. هـن کي غمگين ۽ پريشان ڏسي چيائين تـہ:

---

(۱) چڱي فارسي دان کانہ هئي، غالباً، مراد تہ هن رباعي واري معنيٰ ۾ کو بيت پئي پڙهيائين. حقيقت ۾ هيءُ افسانوي رنگ، فارسي مترجم جي ايجاد آهي. (ن.ب) (۲). يعني سج کني کڻي ۽ صبح ٿيو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"اي پٽ! اي راجا جي ڏيءُ! توکي ڇا ٿيو آهي جو تنهنجو لال جهڙو منهن ميرو ۽ هيڏو ٽي پيو آهي؟" (جواب): ڇڪيءُ چيو تہ: "اي راءِ زادا! هن کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿيندو جو هن احمق سنڌيءَ جيئن تہ مون کي عيش عشرت جي محفل ۾ ڏٺو آهي، سو ڪالهه رات حرمسراء ۾ لنگهي اچي مون کي پاڻ ڏانهن ڪوٺڻ لڳو، ۽ منهنجي نيڪ بختي ۽ پاڪ دامني جي داد کي. جا ڪڏهن بہ پليديءَ جي غبار سان ميري نہ ٿي هئي. ۽ منهنجي پرهيزگار نفس ۽ صاف عزت کي، پنهنجي گناهه جي گندگيءَ سان گندو ڪرڻ ۽ منهنجي پاڪائي جي ٻردي کي چاڪ ڪرڻ چاهيائين. راجا کي هن کان منهنجو بدلو وٺڻ گهرجي، جيئن هن کان ٻيو ڪوبہ نالائق هن قسم جي خيانت ۽ دست درازي جي جرات نہ ڪري سگهي." دروهر جي غضب جي باهہ ٻڙڪي ۽ پٽ کي چيائين: "هو اسان جو مهمان آهي، ۽ [پٽ] راهب ۽ [۲۳۱] برهمڻ، پٽ اسان کي وسيلو ورتو اٿر، ۽ اسان کان مدد گهري رهيو آهي. اڪل هڪ هزار جنگي جوان سڀ اڻس تنهنڪري ڪيس ڪٽي نہ سگهبو، جو اسان جي طرف جا ٻيٽا ماڻهو ڪسي ويندا. پر سندس ڪوٺ لاءِ رت ڪربان ٿيو. تون اڃي ڪاڏو ڪاءِ. جنهن صورت ۾ ڪابہ حرڪت ڪانہ ٿي آهي، تنهنڪري ڪوبہ ڏڙڪو داب ڪري نٿو سگهجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دروهر جي جيسينه سان بيوفائي رڻ، ۽ سندس پٺ ڇڳيءَ جو جيسينه سان مڪر.

پوءِ دروهر گهر ۾ اچي ٻن هٿيار بند جلادن، هرهڪ کي پدر (۱) ۽ ڀهڻو (۲) نالي، کي گهرائي چيو تہ: "مان اڄ منجهند کان بعد جيسينه کي گهرائي موماني مندس ڪاڏي ڪاڻ کان پوءِ شراب جي مجلس ۾ خلوت ڪري جيسينه سان شطرنج کيڏندس. توهان ٻئي ٻڌا هٿيارن سميت تيار رهجوءِ جڏهن آءٌ چوان، شاه مات شد، (بادشاهه مات ٿي وڃو)، تڏهن توهان تراريون ڪڍي جيسينه کي قتل ڪري ڇڏجو."

هن حال جي هڪ سنڌيءَ کي خبر پڻجي ويئي، جو ڏاهر جو خدمتگار هو ۽ دروهر جي خاص ماڻهن سان دوستي هيس. هن هيءَ حقيقت جيسينه کي ٻڌائي، راجا دروهر جي ڳجهيءَ کان (کيس) واقف ڪيو. ڪاڏي وقت جڏهن دروهر جو معتمد جيسينه کي سڏڻ آيو، تنهن وقت پنهجن جانبازن جي سردارن مان (ٻن) ٺڪرن کي گهرائي چيائين تہ:

---

(۱) اصل ۾ "ڪبير بهدر" جا پڙهڻي ل، م مطابق آهي؛ ن، ب، ح، ڪ ۾ فقط "سهل"؛ پ: بهل روڻ. س: سهيل

(۲) "پهڻو" پڙهڻي ل، م مطابق آهي؛ پ: لهوڻ؛ ن، ب، ح، ڪ: بهو س: سهو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"اي ٿورسيئہ ۽ سورسيئہ (۱)! سان راجا دروهر جي مهماني ۾ تي وڃان ٿو. توهان هٿيارن سميت تيار ٿي سون سان گڏ هلو. آءٌ دروهر سان شطرنج کيڏندس، ۽ توهان هوشيار ٿي دروهر جي مٿان ٻيهي رهجو، جيئن هو نہ ڪا اچائي يا نڪي ڪري سگهي، ۽ نہ رٿي سگهي [۲۳۲]".

جيئسينہ جو ٻن هٿيار بندن سان اچڻ.

اهڙي نموني سان بادشاهہ جي درٻار ۾ وبا. هوڏانهن دروهر ڪنهن کي ٻہ اهڙو حڪم نہ ڏنو هو تہ جيسينہ سان گڏ ٻئي ڪنهن کي اندر نہ ڇڏجو. تنهنڪري ٻيئي بهادر اندر هليا آيا، ۽ اوچتو ئي اوچتو اچي دروهر جي مٿان ٻيٺا. شطرنج پوري ٿيڻ تي دروهر هنن [پنهنجن ماڻهن] کي اشارو ڪرڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ ٻہ ماڻهو هٿيارن سان تيار ۽ هوشيار ٻيٺل ڏسي پشيمان ٿيو، ۽ چيائين "شه مات نشد: آن گوسفند را نمي بايد کشت" (شاهہ مات

---

(۱) اصل متن توڙي نسخن ۾ هن نالن جي ٻڌهڻي "تورسيه و سورسيه" آهي. "سيه" در اصل "سينه" (يعني شينهن) آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان ٻنهي نالن ۾ "ن" وڌايو آهي. (م)، جي ٻڌهڻي "تورسيه" جي بدران "ڪورسيه" آهي، مگر "تورسينه" زياده صحيح آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ بعضي بهادري جو داد ڏيندي چوندا: "واه تورسنگ!": چوندا آهن مڙس تہ "مڙس تورسنگ آهي" يعني بهادر ۽ پهلوان آهي. "سنگ" ساڳيو سينه يا شينهن جي معنيٰ ۾ آهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نہ ٹيو، تنهنکري انهيءَ گهيٽي کي کهڻ نہ گهرجي).
جَيْسِينهْ سمجهيو تہ اهو اشارو آهي. ٻوءِ هو اتان اٿي پنهنجي
اوطاق ۾ آيو، ۽ گهوڙن سنڀڻ جو حڪم ڪيائين. ايتري
۾ جَيْسِينهْ غسل ڪري هٿيار ٻڌي پنهنجي لشکر
کي تيار ڪري [گهوڙن] مٿي ويهڻ جو حڪم
ڪيو. [هوڏانهن] دروهر ڪ اعتماد جوگو مائهو انهيءَ
جانچ لاءِ موڪليو هو تہ جَيْسِينهْ چا ٿو ڪري. انهيءَ مائهو
موٽي اچي چيو تہ: "خدا جي رحمت هجي انهيءَ مائهوءَ تي
جنهن جي ذات پرهيزگاريءَ جي زيور سان سينگاريل هٿي.
سندس بنياد سگورو هو، سندس ڪم بـرا نہ هٿا. هميشہ
خوف ۽ اميد ۾ رهي طهارت ۽ پاڪيزگي جي ڪوشش
ڪندو رهيو."

(خبر): جون ٿا تہ جَيْسِينهْ غسل کان فارغ ٿي، ڪاڙو
ڪڍي، هٿيار ٻڌي، (گهوڙي) مٿي ويهي، وهڻ ٽي سامان
لڏائي، راجـا دروهر جي سراء جي آڏو آيو، ۽ ملاقات
کان سواءِ ڪيس الوداع چئي، پنهنجي وڃڻ جو جاڻ ڪري،
دوستن ۽ تابعدارن سميت روانو ٿي ويو: سندو وڃي
جالهندر جي حد کان ڪشمير ۾ پهتو. انهيءَ بادشاهہ جو
نالو بلهرا (۱) هو، (۲) شاهہ جي آستان (گادي جو هنڌ؟)
کي اسہ ڪسہ چوندا هٿا، (۲) جتي هو (جيسينه) وڃي رهيو

---

(۱) فارسي ايڊيشن مطابق "بلهرا"؛ جا غالباً پ جي پڙهڻ آهي؛
ن، م: بلهر؛ ر: بهر. (ن-ب) (۲)-(۲) اصل فارسي عبارت:
"اسہ ڪسہ آستان شاہ گفتندي" جنهن جو مدار غالباً پ تي آهي.
"اسہ ڪسہ" جي بدران ر، م: انسہ کسہ؛ ن، ب، ح: سہ کسہ؛
س: اسر کسر. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تان جو عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ٿي، ۽ دارالخلافت جي حڪم موجب عَمْرَو بن مُسْلِم الباهلي (۱) وڃي اهو ماڪ فتح ڪيو [۲۳۳].

جَيْسِينهُ جي بهادري ۽ سندس نالي جو سبب.

اروڙ جي ڪن برهمڻ کان روايت آهي تہ: جَيْسِينهُ [پٽ] ڏاهر مردانگي ۽ دانائيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس جمڻ جو قصو هن طرح هو تہ: هڪ ڏينهن راجا ڏاهر شڪار جي سامان ۽ هٿيارن سان شڪارگاهہ ۾ ويو. جڏهن شهر جي آسپاس (هڪ طرف) ڪتا، چيتا ۽ بگهڙ هرڻن تي ٿي ڇڏيائين، ۽ (ٻئي طرف) شاهين، باز ۽ شڪرا هوا ۾ اڏامڻ لڳا، تہ (اوچتو) هڪ گجندڙ شينهن پيدا ٿي ساڻهن جو رستو روڪي ڇڏيو، (جنهنڪري) شڪارين جي لشڪر ۾ هيمت ۽ دانهوڙ مچي ويئي. ڏاهر گهوڙي تان لهي پيادو ٿي شينهن جي سامهون ٿيو ۽ شينهن سان جنگ جو ارادو ڪيو. راجا ڏاهر چادر هٽ ٿي ويڙهي شينهن جي وات ۾ وجهي ترار هٿي سندس ٻئي ٽنگون قلم ڪري ڇڏيون. تنهن کان پوء هٽ ڪيي ترار هٿي

---

(۱) فارسي متن ۾ "عمرو بن سلم اعلي"؛ ن جي پٺ اهائي پڙهي آهي؛ ر: "عمرو بن مسلم"، جو صحيح آهي؛ "اعلي" در اصل "الباهلي" جي تصحيف آهي؛ سڄو صحيح نالو عمرو بن مسلم الباهلي آهي، جاڪان تہ عمر بن عبدالعزيز رضہ جي خلافت ۾ اهوئي سنڌ جو گورنر هو. ڏسو آخر ۾ حاشيہ [۲۳۳]. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌس پيٽ ڦـــاڙي وڏو ۽ شينهن ڪيري پيو. هـــوڏانهن جيڪي ماڻهو انهيءَ شينهن جي ٻپ کان ڀڄي ويا هئا، تن گهر اچي راڻيءَ کي راجا ڏاهر جي شينهن سان ڪنديءَ جي خبر ڪئي. راجا ڏاهر جي زال پيٽ سان هئي، ۽ هن خبر ٻڌڻ تي، مڙس سان نهايت محبت سبب، بيهوش ٿي ڪيري پيئي ـ جيستائين راجا ڏاهر شڪارگاهه مان موٽي آيو، تيستائين ٻپ کان عورت جو ساهه جسم کان جدا ٿي چڪو هو. ڏاهر اچي ڏٺو ته زال مئي پيئي آهي ۽ سنڌس پيٽ ۾ ٻار ٽنڪي رهيو آهي. سنڌس پيٽ ڦاڙڻ جو حڪم ڏنائين؛ ٻار جيئرو نڪري آيو جنهن کي دائي جي حوالي ڪيائون ۽ "جَيْسِيهْ" نالو رکيائون، جنهن جي معني [عربيءَ ۾] "اَلْمُظَفَّرُ بِالْاَسَدِ" (فاتح شير) ۽ پارسيءَ ۾ "شيرِ فيروز".

احنف بن قيس جي ڏوهٽي رَوَاح بن آسَد جو اروڙ ٿي مقرر ٿيڻ

هتن ڪنوارين [حڪايتن] جـــي سنواريندڙن ۽ هتن چڪيندڙن جي باغبانن، (١) علي بـــن محمد [ڪان جنهن] مَسْلَمَة بن مُحَارِب (١) ۽ عبدالرحمان بن عَبْدِرَبِّه السليطي

---

(١)-(١) اصل متن ۾: "از علي بن محمد بن سلمه بن محارب". حقيقت ۾ هي ۽ ڏار ڏار نالا آهن. علي بن محمد (المدائني) ۽ مسلمه بن محارب. محمد ۽ سلمه جي وچ ۾ "بن" حقيقت ۾ "عن" (کان) جي بگڙيل صورتخطي آهي. "سلمه" ۾ غلط آهي ۽ صحيح نالو مسلمه بن محارب بن زياد آهي، جنهن جو ذکر هن کان اڳ ص [٧٨] تي ۽ هن کان پوءِ ص [٢٢٤] تي اچي ٿو. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪـان هن طرح روايـت ڪئي آهي تـ:: جڏهن [٢٣٤] محمد بن قاسم، تختگاهه اروڙ- بغرور (١) کي پنهنجي اقتدار ۽ تابعداري هيٺ آنـدو ، ۽ سيئي [ماڻهو] سندس فرمانبردار ۽ حڪم جـا بندا ٿيا، تڏهن احنف بن قيس جي ذوهئي رُواح بـن آسد کي اروڙ جـي گورنري تي مقرر ڪيائين. شرعي ڪاروبار ، دارالقضاء جـو ڪم ۽ خطابت جو عهدو، صَدْر الامام الاَجَلّ العالِم (سڀ امام وڏي عالم)، بُرْهَان المِلّة وَالدّيْن (دين ۽ قوم جي روشن دليل)، سَيْف السنّة وَنَجْم الشّرِيعَة (سنت جي تـرار ۽ شريعت جي ستاري)، موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد (بن موسيٰ) بـن شيبان بـن عثمان الثقفي (٠) رحمة الله عليهم اجمعين، جـي حوالي ڪري حڪم ڪيائين تہ: رعيت جي دلجوئي واجب سمجهي وڃي ۽ يَامُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (يعني نيڪي لاءِ تاڪيد ۽ بـديءَ کان منع) جو حڪم (بـن)

---

(١) پ ۾ "اروڙ بغرور" ۽ هين جملي نسخن ۾ "الور بغرور" آهي ، سڀ حقيقت ۾ اهي ٻئي شهرن جا نالا آهن جئن تہ بلاذري (ص ٤٣٩) چوي ٿو تہ "سار محمد يريد الرور و بغرور". انهيءَ ڪري اسان ترجمي ۾ "اروڙ ۽ بغرور" لکيو آهي (ن ـ ب)

(٢) ڏنگين ۾ (بن موسيٰ)، مٽي ص [٩] تي پ جي پڙهٽي "طائي بن محمد بن موسيٰ" جي آڏار تي وڌايل آهي؛ هن صفحي تي جملي نسخن جي متفق پڙهٽي " طائي بن محمد " آهي ؛ البتہ ص [٩] تي سواءِ پ جي ٻين جملي نسخن جي پڙهٽي "طائي بن موسيٰ بن محمد" آهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مهمل نه رهي: ۽ ڪنهي کي خلق ۽ رعيت سان رعايت ڪرڻ جي پابندي ڪري آزاد پروانو عطا ڪيائين. پوءِ منزل ڪنيائين، ۽ هلندو ويو تان جو پاڻيءَ (۱) جي قلعي [وٽ پهتو]، جو ٻيباس نديءَ جي ڏکڻ پر هڪ قديم قلعو هو، ۽ اتي جو حاڪم (۲)، ڏاهر پٽ چچ جو سوٽ، ڪڪسو (۳) پٽ چندر بن سيلائج هو (۲).

(۴) ڪڪسي (۳) تي فتح حاصل ڪرڻ ۽ هن جو

محمد بن قاسم وٽ اچڻ (۴).

هو (ڪڪسو) ڏاهر بن چچ جي لڙائيءَ ۾ [مددگار ۽ موجود] هو، ۽ اتان شڪست کائي پڄي اچي انهيءَ قلعي ۾ ويٺو هو. اسلامي لشکر جي قريب اچڻ تي دل ۽ ضمانت خدمت ۾ موڪليائين. وڏيرن ۽ مکيه ماڻهن (پنن) حاضر ٿي خدمت جو شرف حاصل ڪيو. محمد بن قاسم انهن سان مهرباني سان پيش آيو، ۽ ڏاڍيون نوازشون ڪري پڇيائين تہ: "هيءَ ڪڪسو (۳)، اروڙ جو رهاڪو آهي؟ اتان جا سپ

---

(۱) فارسي ايڈيشن ۾ "باتيه" آهي جنهن کي اسان "پاتيه" ڪري لکيو آهي. "باتيه" غالباً پ جي پڙهڻ آهي. ر: بابينه؛ ن: بابينه؛ م، س: بابيه. ب: باسه؛ ڪ: باهيه؛ ح: بنبه. (ن - ب) (۲)-(۲) هي عبارت فارسي ايڈيشن مطابق آهي جنهن جو مدار غالباً پ ۽ ب تي آهي. ن ۾ ۽ اها عبارت انهيءَ طرح آهي (۳) اصل ۾: ڪڪسه (۴)-(۴) هي عنوان ر، م مطابق آهي ۽ پ، ب، ن ۾ موجود ڪونهي. ر ۾ هي عنوان هن طرح آهي "فتح کردن ککسه و آمدن سيلائج بن محمد بن قاسم." عنوان بعد عبارت هن طرح شروع ٿئي ٿي: "سيلائج عمزاده داهر بود و او در جنگ داهر چچ بود - الخ"- سواءِ پ، ن، ب جي بين نسخن ۾ ۽ انهيءَ طرح آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو دانـــاءَ عقلمند ۽ سچا هجن ۽ [پڻ] امانت ۽ پرهيزگاريءَ ســان موصوف . تنهنڪري ڪيس امان ٿي ڏجي تـــ جيئن هـو [امان وٺ] دل جي قوت ۽ اميد جي روح سان حاضر ٿئي . [۲۳۵] هن کي نديڙي وڏي گالهه ۾ پنهنجو صلاحڪار بنايو وڃـي. آءٌ ســائس سڃاڻي ۽ وزارت جو رستو وچ ۾ قائم ڪريان ٿو."

ڪڪسي جي صلاحڪاري.

ڪڪسو هڪ ڄاڻو شخص ۽ هند جـو داناءَ مرد هو ، (تنهنڪري) خدمت ۾ حـــاضر ٿيڻ تي [محمد بـــن قاسم] ڪيس وقت نـا وقت پنهنجي تخت جي سامهون رکندو هو ، ۽ سائس صلاح مشورو ڪندو هو ـــ

شعر : لاۤ تَسْتَشِيرُ غَيْرَ نَدْبٍ حَازِمٍ يَقِظٍ
قَدِ اسْتَوَى مِنْهُ إِسْرَارٌ وَ إِعْلَانُ

ترجمو : صـــلاح رکجو تجربيڪار ، هوشيار ۽ دور انديش. سان ڪر ، جنهن جي آڏو ڳجهه ۽ ظاهر برابر هجي.

ـــــ ۽ سندس صـلاح کان ٻاهر نـــ ويندو هو. هو سڀني اميرن ۽ سڀ سالارن جو اڳواڻ هـــو. ديلون ۽ آسپاس [جو ملڪ] سندس انتظام هيٺ هوندو هـــو. خزانـو سندس مهر هيٺ ڏنو ويـــو هو. انهيءَ ڪـان پوءِ هـــو هر لڙائيءَ ۾ محمد بن قاسم سان مددگار هو ، ۽ سندس نالو "مبارڪ مشير" رکيو هٽائين.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جي هٿان (١) سيڪڙ ۽ ملتان (١) جي فتح ٿيڻ جو احوال.

ككسي کي درست ڪرڻ بعد، [محمد بن قاسم] انهيءَ قلعي کان کوڻ ڪري، بياس ندي ٽپي اسڪلنده (٢) جي قلعي تي وڃو. انهيءَ قلعيوارن کي خبر پيئي تہ عرب جو لشڪر آيو آهي سو جنگ لاءِ نڪري آيا. زائدة بن عُمَير الطائي (٣) ۽ ككسو (لشڪر جا) اڳواڻ هٿا: لڙائي شروع ڪيائون ۽ اهڙا سخت مقابلا ٿيا جو ٻنهي طرفن کان رت جون ندیون وهي اٿي هليون. عربن اڳين نماز وقت تڪبير جو نعرو هڻي، هٿ هٽ حملو ڪيو. مشرڪ شڪست کائي وڃي قلعي ۾ پيا، [٢٣٦] ۽ قلعي جي مٿان تير ۽ منجنيق جا پٿر اڇلائڻ لڳا ۽ ست ڏينهن جنگ جاري رکيائون. ملتان جي حاڪم جي پائڻي- جو ملتان جي قلعي ۾ هو- سو کي لڙائيون ڪيون، تان جو لشڪر جو اناج

---

(١) - (١) اصل ۾ "سکه ملتان". وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه، ص [٢٣٦] (٢) ل، م: عکسلنده؛ ن، ب، ح، س، ك: علکنده؛ پ: عذکيده (٣) نسخن جي مختلف پڙهڻين جي بناء تي فارسي ايڊيٽرن ۾ "رانده بن عميرة الطائي" پڙهي قائم ڪئي ويئي آهي. مگر صحيح نالو "زائدة بن عمير الطائي" آهي، جيئن تہ بلاذري (فتوح، ص ٤٣٩) محمد بن قاسم جي ملتان واري فتح جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: "قطع (محمد) نهر بياس الي الملتان، فقاتله اهل الملتان، فابلي زائدة بن عمير الطائي." (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کٹي ويو ، ۽ (١) اسڪلنده جو (حاڪم) سيهرا (١) راتو واهر نڪري وڃي سڪ جي قلعي ۾ پهتو. سڪ راوي ندي جي ڏاڪڻي ڪناري تي هڪ عاليشان قلعو هو. حاڪم جي وڃ تي رعيت، ڪاريگرن ۽ واپارين [محمد بن قاسم ڏانهن] پيغام موڪليو ته: "اسان رعيت آهيون. هاڻي جيڏن ته والي هليو ويو ، تنهنڪري اسان کي امان ڏي." محمد بن قاسم ، واپارين ، ڪاريگرن ۽ هارين کي امان ڏيڻي قلعي ۾ آيو ۽ ڇڻن هزارن هٿيار بند مردن کي خونخوار ترار جو ڪاڄ بنائي، سندن پوٽلڙن کي غلام ڪيائين. پوء عُتبه بن سَلْمه تَميمي (٢) کي اتي مقرر ڪري پاڻ (٣) سڪه ۽ ملتان (٣) ڏانهن رخ ڪيائين. اهو راوي ندي جي ڏاڪڻي ڪناري تي هڪ قلعو هو. بڇهراطاڪي (٤) جو ڏوهٽو بڇهرا (٤) انهي قلعي ۾ رهندو هو. جڏهن ان

---

(١) - (١) ترجمو فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جي عبارت "سيهرا اسكلنده" آهي جنهن ۾ ترڪيب اضافي سمايل آهي. مختلف نسخن جون پڙهٽيون هن طرح آهن - ل، م: سهيرا سكلنده، ن، ب س: سيهرا عدكنده؛ پ: سيهرا عيدكنده. (ن - ب) (٢) ل: عتبه بن مسلمه تميمي (٣) - (٣) اصل فارسي عبارت "سكه ملتان"؛ وضاحت لاء ڏسو آخر ۾ حاشيه ص ص [٢٣٦-٢٣٧]. (ن - ب) (٤) فارسي ايڊيشن ۾ هنن ٻن جاين تي "بچهرا طاكي" ۽ "بچهرا" پڙهٽيون ڏنيون ويون آهن ، مگر ان بعد هيٺ "بجهرا" پڙهٽي ڏني وئي آهي، جنهن سان معلوم ٿئي ٿو پ ۽ م نسخن ۾ (جن تي فارسي ايڊيشن جو مدار آهي) "بچهرا" توڙي "بجهرا" ٻئي پڙهٽيون آهن . ٻين نسخن سان ر جي پڙهٽي "بچهرا"؛ ن جي "بجيهرا" يا "بجهيرا"؛ ب جي "بجيهرا" ۽ س ڪ جي "بجهرا" آهي. لهذا بجهرا، بچهرا، بجهرا يا بجهيرا سان گڏ پڙهٽي اختيار ڪري سگهجي ٿي. اسان ترجمي ۾ "بجهرا" پڙهٽي اختيار ڪئي آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي خبر پئي ڏنهن جنگ شروع ڪيائون. هر روز جڏهن عرب جو لشکر قلعي جي اڳيان ايندو هو تہ قلعيوارا باهر نڪري جنگ ڪندا هتا. سترهن ڏينهن تائين سخت لڙائيون ڪيائون. (هن لڙائي ۾) مشهور معروف همراهن مان ويهہ ڇٽا (۱) شهيد ٿيا، ۽ شامي لشکر مان جملي ۾ سؤ پندرهن ساڻهو قتل ٿيا. بجهرا (۲) راوي ندي ٽپي پار وڃو. محمد بن قاسم دوستن جي شهيد ٿيڻ ڪري قسم کنيو هو تہ: "هن [سڪه جي] قلعي کي ڌاهي ڇڏيندس." پوء سندس حڪم ڏيڻ تي ساري شهر کي ويران ڪيائون، ۽ ملتان ڏانهن (درياء) ٽپيا (۳). ملتان جو راجا ڪندا (۳) ۽ بجهرا جنگ لاء نڪري آيا. [۲۳۷]

محمد بن قاسم جي راجا ڪندا (۳) سان جنگ ڪرڻ.

انهيء ڏينهن صبح ٿيڻ کان شام جي ختم ٿيڻ تائين سخت لڙائي هلي. جڏهن دنيا مصيبت زدن جهڙي ڪاري رلي اوڍي، ۽ ستارن جو بادشاه غروب جي پردي ۾

---

(۱) ل، م: بيست و پنج (پنجويهہ ڇٽا) (۲) ن، ب: بجهيرا؛ س، ک، م: بجهرا. (۳)-(۳) اصل ۾ "ڪندا راي ملتان"؛ فارسي ايڊيشن ۾ پڻ اها اختيار ڪيل پڙهڻي آهي پ، ب، ک: ڪذاراي؛ م: ڪذاري؛ گذري؛ ن: ڪذاراي؛ ر: ڪذاري؛ ح: گذا راي، س: گذا راي، ڪند راي انهن پڙهڻن ۾ "ڪذا راي" عام پڙهڻي نظر اچي ٿي جا غالباً "ڪندا راي" جي بگڙيل صورتخطي آهي. انهيء ڪري اسان فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "ڪندا راي" کي ترجيح ڏني آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هليو ويــــو (۱)، تـڏهن ٻئي (لشکر) پنهنجن گهرن ڏانهن موٽيا، ٻئي ڏينهن جڏهن صبح صادق اونداهي پردي مان نڪتو ۽ دنيا روشن تـــي ، تڏهن ٻيو دفعو جنگ شروع ڪيائون. ٻنهي طرفن کان ڏاڍا ماڻهو قتل ٿيا. اهـا جنگ بدستور قائم رهي، ۽ ٻــن مهينن تـــائين [قلعيوارا] قلعي مٿان منجنيق، غـدرک (۲) پٿر ۽ تير وسائيندا رهيا، تان جو لشکر ۾ اناج جي ڏاڍي تنگي اچي پيدا ٿي ـ اهڙيءَ حد تائين جو گڏهه جي مُنڊي وڃي پنج سؤ درهمن کي لڳي. ڏاهر جي سوٽ، امير کورسينه (۳) پٽ چندر ، ڏٺو ته: "عرب جي لشکر ۾ کاڌ سستي نه آئي آهي، ۽ مضبوط آهن؛ اسان کي کنهن ٻ طرف کان مدد ڪانه آهي"؛ سو (۴) ڪشمير جي راجا (۴) جي خدمت ۾ هليو ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن عـرب جي لشکر پهچي لڙائي شروع ڪئي، ۽ کنهن ٻ حيلي سـان (قلعي کي) کات ٽئي لـڳي سگهيو، تہ (اوچتو) قلعي جي اندران هڪ ماڻهو ٻاهر نڪري آيو ۽ [اچي] امان گهريائين. محمد بن قاسم کيس امان ڏني، پوء انهيءَ جي ڏس ڏيڻ تي، نديءَ جي ڪناري لـــڳ اتر

---

(۱) يعني سڄ لهي اونداهي ٿي . (مترجم) (۲) غدرک = جنگ جو هڪ اوزار A warlike instrument (Staingass) (۳) ن، ب ۾ " ڪراسيد "، ۽ باقي نسخن ۾ "کورسيه"؛ فارسي ايڊيشن ۾ پوئين پڙهڻي اختيار ڪيل آهي ۽ اسان ٻ ان کي ترجيح ڏني آهي، مگر "کورسيه" جي بدلي "کورسينه" (گهور شينهن؟) ڪري لکيو آهي. (ن ـ ب) (۴) - (۴) پ، ل، م، س، ک: شاه ڪشمير، ن، ب: راي ڪشمير.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

طرف کان کاٹ هنیائون، ۽ ٻن ڏينهن کان پوء انهيءَ جڳهه کان قلعي جي پٽ تي پهتي ۽ قلعو فتح ٿيو. ڇهن هزارن جنگي سپاهين کي قتل کيائون ۽ سندن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن کي هانهان بنايائون. باقي واپارين، ڪاريگرن، ۽ هارين کي امان جو پروانو عطا ڪري، کين چيائين تہ: "هاڻي جڏهن قلعو فتح ٿي چڪو آهي، تڏهن واجب آهي تہ پنهنجي مال مان دارالخلافت جي خزاني جي ڏيل ۽ فوجن جو حصو ڏيو، جيڪي هيڏي تڪليف ڪاڻ، سختي سهي جان جي بازي لڳائي، ڪيڏو عرصو ڪاٽ ۽ لڙاين ۾ مشغول رهيا آهن." [۲۳۸]

روڪڙ جي تقسيم ڪرڻ.

پوء شهر جي وڏيرن ۽ مڪيه ماڻهن جمع ٿي، ست هزار درم تور چاندي تقسيم ڪئي. هرهڪ سوار کي خاص طرح چار سؤ درم تور چاندي ملي. پوء [محمد بن قاسم] چيو تہ: "هاڻي دارالخلافت جي خزاني جي مال واسطي دائمي طريقا سوچڻ گهرجن." انهن ويچارن ۾ گهاليهيون ڪري رهيا هٿا تہ، اوچتو هڪ برهمڻ آيو ۽ چيائين تہ: "جڏهن ڪافرن جو ڏؤر پورو ٿيو، بتخانو ڍهي ويو، دنيا اسلام جي نُور سان روشن ٿي، ۽ بتخانن جي جڳهه تي مسجدون ۽ ممبر ٺهي رهيا آهن، [تڏهن آءٌ اوهان کي هڪ سچي گهاليه ٿو ٻڌايان] تہ ملتان جي پيرمردن کان هن طرح ٻڌو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وبو آهي تہ: آ گهاڻي سمي ۾ هن شهر جو هڪ راجا جوبن (۱) نالي، ڪشمير جي راجا جي اولاد مان هو. هو هڪ برهمڻ ۽ راهب ساڻهو هو ۽ پنهنجي طريقي ۾ پڪو هو. هميشه بتن جي عبادت ۾ مشغول رهندو هو. سندس خزانو جڏهن ڪٽپ کان وڌي وبو، تڏهن ملتان جي ايرندي پاسي کان سؤ گز همچورس هڪ حوض ٺهرائي، انهيءَ جي وچ ۾ پنجاهه همچوڙس گز هڪ بتخانو ٺهرايائين؛ [۽ انهيءَ بتخاني اندر] هڪ دڪان ٺهرايائين، ۽ انهيءَ دڪان ۾ ٽامي جا چاليهه مٺ ترتيب سان رکايائين؛ (۲) هر هڪ مٺ ۾ مغربي سون جي ڪاتر جا ٽي سؤ ٽيهه مٺ پوريل خزاني طور رکايائين (۲): انهيءَ جي مٿان بتخانو آهي، جنهن ۾ گاڙهي سون جو بت وهاريل آهي، ۽ انهيءَ حوض جي چوڌاري وڻ رکايل آهن."

---

(۱) پ: جسوبن، س: جوبن، ح: جوبن، ن ب: جسوبن، ر م: جسور. انهن مختلف پڙهٽين ۾ صحيح پڙهڻي جو پتو لڳائڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن پ جي پڙهڻيءَ کي "جوبن" جي غلط صورت قرار ڏجي تہ پوءِ س ح ن ب ۾ ۽ "جوبن" لفظ جي غلط صورتخطي نظر اچي ٿي. جيڪڏهن ن ب جي پڙهڻي صحيح قرار ڏجي تہ پ س ح جي پڙهٽين ۾ انهيءَ لفظ جي غلط صورتخطي نظر اچي ٿي. ر م جي پڙهڻي انهن ٻنهي صورتن کان جداگانہ آهي. انهيءَ لحاظ سان جوبن، جسوبن ۽ جسور مان ڪا به پڙهڻي اختيار ڪري سگهجي ٿي. اسان پ جي بناء تي "جوبن" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي، جنهن جي وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۲۳۹]. (ن.ب). (۲) - (۲) هي جملو ن ب ک ۾ ڏنل ڪونهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مَسْتَرَوِي [بتخانو] (۱)

ڪالھين جـي مصنفن ۾ ڪھاڻين جـي راوين، علي بـن محمد [مدائني] کان ھن طرح روايت ڪئي آھي جنھن ڇيو تہ ابو محمد ھنديءَ کان ٻڌو انہن تہ: محمد بن قاسم وزيـرن، تائين (گورنرن) ۾ خـاص ماڻھن سان اڇـي انھيءَ بتخاني ۾ آيو. سون جو ٿھيل بت ڏنائين، جنھن جون اکيون ڪاڙھـي ياقوت مان ٺاھي سندس منھن ۾ رکيل ھيون. [۲۳۹]

محمد بن قاسم جو پُڇڻ.

محمد بن قاسم سمجھيو تہ ھيءُ ڪو آدمـي آھي: سو کيس ڏڪ ھڻڻ لاءِ ٽراڙ ڪيھائين. انـي بُتبَان (۲) برھمڻ

---

(۱) جملي نسخن ۾ ھي عنوان جدا طور ڏنل ڪونھي، مگر ھيٺين ست جي شروع ۾ نئين عنوان طور ڏنگين ۾ ڏنل آھي. فارسي ايڈيشن جي عبارت مطابق ھن طرح آھي: (مستروي) مصنفان احاديث روايان اقاويل چنان روايت کرده اند ـ الخ. لفظ "مستروي"، ر م ن ب ک س نسخن جي پڙھڻي مطابق آھي، مگر قديم نسخي پ جي پڙھڻي ھن جاءِ تي "متروي" آھي. مٿي ص [۳۷] تي ب ھي نالو اچي چڪو آھي ۽ اتي پ جي پڙھڻي "منروي" جا متن ۾ پڻ رکي وئي آھي. انھيءَ ڪري ھن صفحي تي ب پ جي پڙھڻي ساڳئي لفظ "منروي" جي بگڙيل صورت آھي. صحيح لفظ بہ "منروي" آھي جو ملتان واري بتخاني يا مندر جو نالو ھو. وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۲۳۹]. (ن- ب) (۲) بتبان=بت بان يعني بت جو راکو يا نگھبان. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چيو تہ: "اي عادل اميرا! هيءَ اهو بت آهي جو ملتان جي راجا جوبن (١) ناهيو هو، جو مال دفن ڪري گذاري ويو." پوءِ محمد بن قاسم انهيءَ بت کڻڻ جو حڪم ڏنو. ان جي هيٺان ٻہ سؤ ڏيهہ من سون ۽ چاليهہ من سون جي ڪاتر سان پريل نڪتا. جملي تيرهن هزار ٻہ سؤ من تور سون دفن ٿيل نڪتو. اهو سون ۽ بت خزاني ۾ آندائون؛ [تنهن کان سواءِ] جواهر ۽ موتي جيڪي ملتان جي شهر جي لٽ مان هٿ آيا سي ۽ ٻيا خزانا ۽ دفينا ٻہ هٿ ڪيائون.

بتخانو کولڻ ۽ خزانو کڻڻ.

ابوالحسن مدائيني، خُرَيْم بن عَمْرَو کان روايت ڪئي آهي تہ: جنهن ڏينهن بتخانو کولي خزانو کنيائون، انهيءَ ڏينهن حجاج جو خط پهتو تہ: "اي سوٽ! تنهنجي لشڪر جي چڙهائي وقت مان ضامن هوس تہ لشڪر وڃڻ جي تياريءَ ۾ ان جي سامان ۽ بندوبست تي دارالخلافت جي خزاني مان جيڪي ٻہ خرچ ٿيندو [تنهن جي جوابداري خليفي] وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي پاران مون کي قبول آهي: بلڪ انهيءَ کان ٻيڻو ٽيڻو واپس پهچائڻ منهنجي ذمي آهي. هينئر دارالخلافت جي خزاني مان حقيقت حال جي جاچ ڪئي ويئي تہ معلوم ٿيو تہ محمد بن قاسم جي

(١) ر: جيوين؛ م: جيبوين يا جيسبوين؛ ٻ: جسوير؛ ن ب جسوين. اختيار ڪيل پڙهڻ لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص ٣٥٦ ۽ ٻڌ آخر ۾ حاشيہ ص [٢٤٩]. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تياريءَ ۾ ست هزار درم توو خالص چاندي خرچ ٿي آهي؛ ۽ [ايستائين تنهنجي طرفسان] جيڪا روڪڙ، جنس ۽ ڪپڙا واپس ادا ڪيا ويا آهن، تن جو تاريخوار مجمل ۽ مفصل (حساب ڪيو ويو تہ [باقي تنهنجي ذمي] (١) هڪ سؤ ويهہ هزار (١) درهم تور چاندي ٿي سگهي ٿي، جا توکي موڪلڻي آهي. جتي به ڪا پراڻي جاءِ يا ڪو نالي وارو گهوٽ يا شهر هجي، اتي مسجدون ۽ ممبر ٺاهيا وڃن، ۽ خطبو ۽ سڪو دارالخلافت جي نالي جاري ڪيو وڃي. [٢٤٠] تون سولي ستاري ۽ موافق گهڙيءَ ۾ هيءَ لشڪر وٽي نڪتو آهين، انهيءَ ڪري ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. تہ ڪافرن جي ولايت مان جنهن طرف بہ رخ رکندين، سو تنهنجي هٿ هيٺ ايندو."

محمد بن قاسم جو شهر ملتان جي رعيت کي پابند ڪرڻ

پوءِ ملتان جي مڪيہ ۽ چوڌ ماڻهن کي پڪيءَ طرح پابند ڪري جامع مسجد ۽ منارو ٺهرايائين. امير داؤد بن نصر بن وليد عمّاڻي کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيائين. خريم بن عبدالملڪ تميمي کي برهمڻپور (٢) جي قلعي تي،

---

(١) - ١) هيءَ انگ فارسي ايڊيشن ۾ ڏنل عبارت "صد و بيست هزار" مطابق آهي جا شايد پ جي عبارت آهي. ر م ن س: صد هزار و بيست من و بيست هزار؛ ب: صد هزار و بيست من هزار؛ ڪ: صد هزار و بيست و بيست هزار (٢) ر ن: برهمڻپور. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو جهيلم (۱) ندي جي ڪناري تي آهي، جنهن کي سوپور (۲) سڏيندا آهن، مقرر ڪيائين. عڪرمه بن ريحان شامي کي ملتان جي پسگردائي جو حاڪم بنايائين. احمد بن خزيمة (۳) بن عتبه مدني کي اشهار ۽ ڪرور (۴) جي قلعي جو والي مقرر ڪيائين. ٻڙين رستي مال روانا ڪيائين، جيئن ديبل کان ٻڙين ۾ چاڙهي، دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچايا وڃن. پاڻ ملتان ۾ رهيو، جتي اٽڪل پنجاهه هزار چوڌ سورا هٿيارن پنوهارن ۽ جنگي اسبابن سان تيار ٿيا.

ابو حڪيم (۵) کي ڏهن هزارن سوارن جي لشڪر سان قنوج موڪلڻ.

پوء ابو حڪيم (۵) شيباني کي ڏهن هزارن سوارن سان قنوج [جي راجا] تي چاڙهي موڪلياٿين تہ جيئن دارالخلافت جو خط، اسلام جي دعوت ۽ بيت‌المال جي خزاني جي ڏيل ادا

---

(۱) ر ن: جيلم (۲) هي پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي. پ: سور برا؛ ر م: سوبور؛ ن ب ح: سور برو؛ ڪ: سور بدر. فارسي عبارت. "در حصار برهمپور بر ساحل آب جهليم كه سو پور خوانند". م ۽ اشتباه آهي: آيا سوپور جو ضمير "كه" برهمپور [يا جهليم سان لاڳو آهي؟ (ن - ب) (۳) فارسي ايڊيشن م خزيمة آهي مگر پ س جي پڙهڻي "جريمه" ۽ ر ن جي پڙهڻي "خريمه" آهي. (۴) پ ر م ن ب ڪ: اجتهاد و كرور. متي ۲۳ ۽ ۵۱ صفحن تي هنن شهرن جي نالن جي پڙهڻي متفق طور "اشتهار و كرور" آهي ۽ هت ۽ اهائي پڙهڻي قائم رکي وئي آهي. (ن - ب) (۵) جملي نسخن م "ابوحليم"؛ اسان فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر جي گماني پڙهڻي "ابوحكيم" قائم رکي آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪرڻ متعلق ڪيس ڏيکاري، ۽ ڪانئس بيعت ونئي. پاڻ (محمد بن قاسم) لشڪر وٺي ڪشمير جي سرحد تي انهيءَ هنڌ پهتو، جنهن کي پنج ماهيات (١) چوندا آهن ۽ هن جاءِ تي ڏاهر جي پيءُ، چچ [پٽ] سيلائيج، صنوبر ۽ سپيدار يعني بيد جا وڻ ٻوکي [سرحد جو] نشان ڪيو هو، ۽ اها حد نئين سر مقرر ڪيائين. [٢٤١]

لشڪر جو اوڏاهر (٢) پهچڻ، (٣) ۽ اَبُوحَڪِيم جو زَيْد کي راجا [هرچندر ڏانهن] موڪلڻ (٣)

قنوج جو راجا انهن ڏينهن ۾ جهنل (يا جهشل) راءِ (٤) جو پٽ هو. جڏهن لشڪر اوڏاهر (٢) پهتو، تڏهين اَبُوحَڪِيم شَيْبَاني جي حڪم ڪرڻ تي زَيْد بن عَمْرَو اڪلابيءَ کي حاضر ڪيائون. ٻوءِ چيائينس تہ: "اي زيدا! توکي

---

(١) هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي. ر م ن: پنج ناهيات. (ن ـ ب) (٢) پ ن ب س ڪ: اوردهاپر؛ ر م: اود هافر. هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل پڙهڻي "اودهاپر" مطابق آهي. (ن ـ ب) (٣) ـ (٣) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "وفرستادن با حڪيم سرزيد [راجاي هرچندر]." هن فقره ۾ "سرزيد ـ الخ" قياسي پڙهڻي آهي، جنهن جي بدران پ ن ۾ "سرزال" ۽ ر م ب س ڪ ح ۾ "سرزيل" آهي "با حڪيم" (يعني ابو حڪيم) جي بدلي، هن جاءِ تي توڙي هيٺ، سيڻي نسخن ۾ "با حليم" آهي. (ن ـ ب) (٤) "جهتل" پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ قائم ڪيل آهي جا غالباً م مطابق آهي. هن جاءِ تي پ ن ب ح ڪ جي متفق پڙهڻي "جهشل راي" آهي، ۽ ر جي "چهتل". جيئن تہ هن جاءِ تي قديم پ جي پڙهڻي "جهشل" آهي، انهيءَ ڪري، نسخن جي لحاظ سان، "جهتل" ۽ "جهشل" ٻئي پڙهڻيون هڪ جهڙيون وزندار آهن. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پيغام ڪٽي راءَ هرچندر [پٽ] جهتل (١) ڏانهن وڃڻ ۽ اسلام جي تابعداريءَ جو حڪم پهچائي چوڻ گهرجي تہ: "سمند ڪان وڏي ڪشمير تائين جيڪي بادشاهہ ۽ راجائون آهن سي سڀ اسلام جي اقتدار هيٺ اچي چڪا آهن، ۽ امير عمادالدين (محمد بن قاسم)- جو عربن جو سپه سالار ۽ ڪافرن کي مغلوب ڪندڙ آهي- جي تابعداري ڪري چڪا آهن؛ ڪي اسلام جي لڙائيءَ ۾ پوئجي چڪا آهن تہ ڪن وري پاڻ تي دل مقرر ڪئي آهي، جا دارالخلافت جي خزاني ۾ پهچائيندا رهندا."

قنوج جي راءَ هرچندر جو جواب.

راءَ هرچندر جواب ڏنو تہ: "اڪل هڪ هزار ڇهہ سؤ سالن ڪان هي ملڪ اسان جي تصرف، انتظام ۽ حڪمراني هيٺ آهي. ڪنهن بہ مخالف کي اسان جي حدن کي لتاڙڻ، يا اسان سان جهڳڙي ڪرڻ ۽ اسان جي بادشاهي ۾ دست اندازي ۽ تصرف جي طاقت نہ ٿي آهي. اسان کي توهان جي ڪهڙي پرواهہ آهي جو هن قسم جا گفتا ۽ ناممڪن خيالات دل ۾ آڻي رهيا آهيو! جيڪڏهن قاصد کي قيد يا بند ڪرڻ جائز هجي ها تہ هن گفتگو ۽ ناممڪن دعويٰ تي اهڙو حڪم ڪيو وڃي ها، جيئن بين مخالفن ۽ سردارن لاءِ نصيحت ٿئي ها. هاڻي تون موڪي وڃ ۽ وڃي پنهنجي امير کي چؤ تہ هڪڙي جي قوت ۽ شان شوڪت

(١) ن ب ح س ڪ: جهشل؛ ر: چهتل. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي اندازي لڳائڻ لاءِ هڪڙي سان مقابلو ڪرڻ ضروري آهي، جيڏن ٻا ٽ، توهان جي هيبت اسان تي وڌي وڃي، يا اسان جو غلبو توهان تي ٿئي [٣٦٣] ٻنهي ڌرين جي لڙائي ۽ بهادريءَ ۽ همت جي مشاهدي ڪرڻ کان پوءِ ٿي صلح يا جنگ جو فيصلو ٿيندو."

جڏهن راجا هرچندر جو پيغام محمد بن قاسم کي پهتو تہ وڏيرن، مکيہ ماڻهن، اميرن، سپہ سالارن، سولجرن، بهادرن ۽ ڏاڏين کي سڏي چيائين: "هن وقت تائين هندستان جي راجاڻن کي الله تعالي جي فضل ۽ آسماني مدد سان مغلوب ۽ خوار خراب ڪيو ويو آهي، ۽ فتح اسلامي لشکر سان همراه ۽ رفيق رهي آهي. اڄ جڏهن هن هٿيلي لعنتيءَ جي سامهون ٿيا آهيون. جنهن کي پنهنجي لشکر ۽ هاٿين تي غرور آهي. تڏهن الله تعالي جي مدد تي پروسو رکي اسان کي کوشش ڪرڻ گهرجي تہ هن کي برباد ڪري فتحمند ۽ ڪامياب ٿيون." [اهو ٻڌي] سڀني راجا هرچندر جي خلاف لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيا، ۽ بيعت ڪري انهيءَ لڙائي ۽ جنگ تي هڪڙي کي ترغيب ڏيارڻ لڳا.

محمد بن قاسم کي دارالخلافت جو پروانو پهچڻ. (١)

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهہ (سج) رات جي پردي مان ظاهر ٿيو، تڏهن هڪ شتر سوار دارالخلافت جو

(١) هن عنوان کان وٺي ڪتاب جي آخر تائين، جملي احوال جڻ هڪ ڏند ڪٿا آهي. جنهن لاءِ ڪا، تاريخي سند موجود ڪانهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هروالو ڪٽي پهتو (١). محمد بن علي ۽ ابوالحسن مدائني (١)، هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ وقت سندس حرمسراء سان هن جون ٻ- ڪنواريون ڏيئرون گرفتار ٿي آيون هيون، جي محمد بن قاسم حبشي غلامن هٿان بغداد ڏانهن دارالخلافت جي درگاهہ ۾ موڪلي ڏنيون هيون. وقت جي خليفي غمخواريءَ خاطر ڪين حرمسراء جي حوالي ڪيو تہ ٻ-ٽي ڏينهن آرام ونڊي خلوت جي لائق ٿيڻ. ڪن ڏينهن کان پوء سندن ياد خليفي جي مبارڪ دل تي آئي، ۽ رات جو ٻنهي کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. خليفي وليد بن عبدالملڪ ترجمان کان پڇيو تہ: معلوم ڪر تہ هنن مان وڏي ڪير آهي تہ انهيءَ کي روڪيو وڃي، ۽ سندس ٻيءَ ٻيڻ کي وري ڪنهن ٻئي وقت گهرايو وڃي. ترجمان خدمتگار پهريائين تہ انهن کان نالا پڇيا، وڏيءَ ڇيو تہ [٢٤٣]: منهنجو نالو "سربادبو" آهي. وڏيءَ کي گهرائي ننديءَ متعلق اشارو ڪيائين تہ هن کي وڃي سنياليو. جيئن هن کي ويهاري، منهن کولي، خليفي ڏانهس نهاريو تہ سندس ڪمال ۽ جمال تي چريو ٿي ٻيو، ۽ سندس خونخوار ناز و ادا هن جي دل کان صبر کسي ورتو. "سربا ديو" کي هٿ وجهي ٻاهر ڏانهن ڇڪيائين تہ "سربادبو" اٿي ڪڙي ٿي ۽ چيائين: "بادشاهہ سلامت رهي! آءٌ غلام بادشاهہ جي خلوت جي

---

(١) - (١) هيءَ پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي جنهن جو مدار غالباً پ تي آهي. ن، ر: محمد بن علي ابوالحسن همداني. م، ب ح، س، ڪ ۾ "مدائني" جي بدلي "همداني" آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لائق ٿي ٿــي سگهان، چاکاڻ تــ امير عــادل عماد الدين محمد بــن قاسم اسان کي ٿي ڏينهن پــاڻ وٽ رکي پوء دارالخلافت جي خدمت ۾ موڪليو آهي. شايد توهان جــو دستور ائين آهي؟ بادشاهن لاء هيءَ خواري جائز نــ آهي." خليفي تي انهيءَ وقت عشق تمام غالب ٿي چڪو هــو، ۽ صبر جــي مهار سندس هــٿ مــان ڪري چڪي هئي؛ [تنهنڪري] انهيءَ غيرت کان کيس تحقيق ۽ جاچ جوچ جي طاقت نه رهي، ۽ هڪدم ڪاغذ ۽ قلم گهرائي پنهنجي هٿ سان پروانو لکيائين تــ: "محمد بن قاسم جتي ٻ پهتو هجي تــ کيس گهرجي تــ پــاڻ کي ڪچيءَ کــل ۾ بند ڪري دارالخلافت ڏانهن واپس ٿئي."

محمد بن قاسم جو اوڌاپر (۱) ۾ پهچڻ ۽ دارالخلافت جي پروانو جو وارد ٿيڻ.

محمد بــن قاسم کي جڏهن هيءَ فرمان اوڌاپر (۱) جي شهر ۾ پهتو، تڏهن سندس چوڻ تــي کيس ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪري صندوق ۾ رکي واپس موڪليائ. محمد بــن قاسم جان خدا پاڪ جي حوالي ڪئي، ۽ امراء جــن جاين تي مقرر ٿيل هئا، سي پنهنجين ولايتن تي مستقيم رهيا. هن کي صندوق ۾ بند ڪري، وقت جي خليفي جي خدمت ۾ حاضر ڪيائون. خاص دربان کي چيائون تــ: وليد بن عبدالملڪ بن مروان کي اطلاع ڪر تــ محمد بن قاسم ثقفي [۲۴۹۰]

(۱) پ، س: اودهاپور؛ ن: ارد هاپور، ل، م، اود هافر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي وٺي آيا آهن. خليفي پڇيو تہ: "جيئرو آهي يا منل؟" چيائون: "شال خليفي جي عمر دائمي عزت ۽ دائمي بقاء ۾ هجي! جڏهن حڪم اوڏاڻ (١) جي شهر ۾ پهتو، تڏهن حڪم موجب پاڻ کي هڪدم ڪڇيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪرايائين، ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ ساهہ حق پاڪ جي حوالي ڪري دارالبقا ڏانهن رحلت ڪري وياسين. امير ۽ بادشاهن کي جن جن جاين تي مقرر ڪيو هٿائين، تن اهي ولايتون پنهنجي قبضي ۾ ڪري، ممبرن تي خطبو دارالخلافت جي لقب سان جاري رکيو آهي، ۽ پنهنجي حڪومت جي پيروي ۾ وڏي ڪوشش ڪري رهيا آهن."

خليفي جو صندوق کي کولڻ.

پوءِ خليفي صندوق جو پڙ کولي، انهيءَ پرده نشين عورت کي حاضر ڪرايو؛ (ان وقت) (٢) مورڙئي جي سائي ڪاري (٣) سندس (خليفي جي) هٿ ۾ هئي، جا هن (محمد بن قاسم) جي ڏندن تي گهمائي پٽي چيائين تہ: "اي راجا جون ڏيئرون! اسان جو حڪم پنهنجن ڪامورن تي اجهو هن طرح جاري آهي، انهيءَ لاءِ تہ سڀئي منتظر ۽ تابعدار رهندا اچن. جيئن ئي قنوج ۾ اسان جو هيءُ حڪم کيس پهتو تہ پنهنجي پياري جان اسان جي حڪم تي فدا ڪيائين.

---

(١) ل، م اود هاپور؛ ن: اود هاپر. (٢)-(٢) اصل عبارت: "شاخ مورد سبز". "مورد" جو لفظي ترجمو "مورڙئو" ڪو ويو آهي. مورد هڪ چمڪندڙ پنن سان، سدا سائو، خوشبوءِ دار ۽ اجرن گلن سان ٻوٽو آهي جنهن کي انگريزي ۾ Myrtle ۽ يوناني ٻوليءَ ۾ Murtus چئجي ٿو. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جي ڏيءَ چگيءَ جي خليفي وليد بن عبدالملڪ سان گفتگو.

انهي پرده‌نشين چگيءَ منهن تان گهنڊ لاهي، زمين تي سر رکي چيو: "شال خليفو گهڻن سالن تائين وڏندڙ بخت ۽ وڏي نظام سان باقي رهي! داناءُ بادشاهه تي لازم آهي ته جيڪي به دوست يا دشمن کان هڏي [٣٤٥] سو عقل جي کسوٽي تي ۽ دل جي صلاحڪار سان پرکي ۽ پوءِ ڏسي؛ جڏهن صحيح ۽ بيشبهه ثابت ٿئي، تڏهن عدالت جي رستي تي حڪم فرمائي، ته جيئن خدائي غضب ۽ گرفتار ۽ انساني طعنن جو شڪار نه ٿئي. توهان جو حڪم برابر هلي ٿو، پر دل مبارڪ حڪمت ۽ سمجهه کان خالي آهي. پاڪدامنيءَ جي خيال کان محمد بن قاسم اسان جي لاءِ پيءُ ۽ پاءُ جي بجاءِ هو، سندس دست درازي اسان غلامن تي کابه ڪانه هئي. ليڪن جنهن صورت ۾ هند ۽ سنڌ جي بادشاهه کي برباد ڪري، اسان جي ابن ڏاڏن جي بادشاهي ويران ۽ ضايع ڪيائين، ۽ اسان بندن کي بادشاهيءَ تان (ڪيرائي) غلاميءَ جي درجي تي پهچايائين، تنهنڪري انتقام خاطر ڪيس مناسب بدلي ڏيڻ لاءِ، ۽ سندس بربادين ۽ دفع ڪرڻ واسطي، خليفي جي خدمت ۾ ڪوڙ ظاهر ڪيوسين. اسان جو مطلب پورو ٿيو ۽ هن ڪوڙ ۽ ملاوٽ ذريعي اسان کي هڙو انتقام حاصل ٿيو، ۽ خليفي قطعي حڪم جاري ڪيو. جيڪڏهن خليفي جو عقل شهوت جي پردي ۾ ڏکجي نه وڃي ها، ۽ (پهريائين) جاچ ڪرڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

واجب سمجهي ها، تہ هن پشيماني ۽ ملامت سان نہ پرجي ها، جيڪڏهن محمد بن قاسم کي بہ عقل ۽ حڪمت باوري ڪري ها، تہ باقي هڪ ڏينهن جي بدلہ تائين اڳتي وڌي اچي ها ۽ اتي پاڻ کي ڪچيءَ چمڙيءَ ۾ بند ڪرائي ها، جڏهن جاچ ٿئي ها تہ آزاد ٿي وڃي ها، ۽ برباد نہ ٿئي ها."
خليفي کي [هي ٻڌي] انسوس ٿيو، ۽ نهايت افسوس وچان هٿ جي پٽيءَ کي چڪ وجهي لڳو.

چڳيءَ جو ٻيو پيرو گفتگو.

پرده نشين چڳيءَ وري ٻيو دفعو زبان کولي خليفي ڏانهن نهاريو تہ معلوم ڪيائين تہ خليفي جي ڪاوڙ چوٽ چڙهيل آهي. (اتي) چيائين تہ: "بادشاهہ وڏي غلطي ڪئي آهي، جو ٻن ٻانهين خاطر اهڙي ماڻهوءَ کي [برباد ڪيائين] جنهن اسان جهڙن لکين پرده نشين قيد کيون [٢٤٦]، هند ۽ سندَ جي ستر بادشاهن کي تخت تان جنازي جي تختي تي ليٽايو، بتخانن جي بجاءِ مسجدون ۽ ممبر اڏايا ۽ منارا ٺهرايا. جيڪڏهن هن کان کا توري بي ادبي يا کا اٽوٽندڙ حرکت ٿي ٻي هئي، تہ ٻي هڪ مطلبي ماڻهوءَ جي چوڻ تي محمد بن قاسم کي برباد ڪرڻ نہ گهربو هو."
[اتي] خليفي حڪم ڏنو، ۽ ٻنهي پيرن کي پٽ ۾ لنبي چڏيائون.

انهيءَ وقت کان اڄ تائين اسلام جو جهنڊو ڏينهون ڏينهن زياده سربلند ۽ ترقي پذير آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دعاء

شال الله تعالي جلالته قدرته و تقدست اسمائه، اسلام جي گذريل بادشاهن کي رحمت ۽ بدل رکي، ۽ وقت جي بادشاهن کي، جيکي هن زماني جو قوام ۽ وقت جو نظام آهن، انساني دور جي ختم ٿيڻ تائين، ملک جي تخت تي دائم ۽ قائم رکي، ۽ سندن هيبت سان اسلام جي جهنڊي کي حادثن ۽ مصيبتن ۽ زماني جي اوچتين آفتن کان محفوظ رکي. بعونه و توفيقه.

(١) مخاص کتاب: منهاج الدين و المملک، الحضرة الصدر الاجل العالم عين المملک (١)

پوءِ هي کتاب، جنهن جو لقب "منهاج الدين و المملک الحضرة الصدر الاجل العالم عين الملک" آهي، جو

---

(١)-(١) ن ۾ هيءَ عبارت هوبهو ائين عنوان طور آيل آهي ۽ اسان ۾ ان مطابق عنوان طور ڏني آهي، سواءِ ان جي ته اصل عبارت ۾ زبرون زبرون کين آهن، ۽ "منهاج الدين" جي بدران "سماء الدين" آهي. ٻين جملي نسخن ۾ ۽ "منهاج الدين" جي بدران "سماء الدين" آهي (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ٢٤٧)؛ مگر جيئن ته هيٺ دوباره کتاب جي ڏنل نالي ۾ "منهاج الدين" آهي، انهيءَ کري اسان ۾ عنوان ۾ "سماء الدين" جي بدران "منهاج الدين" رکيو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيو ص [٢٤٧]. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هند ۾ سنڌ جي فتح بابت ۽ عرب جي عالمن ۽ ادب وارن حڪيمن جي تصنيف [۳۴۷] ۽ نڪر جي صنعتن، نظرت جي عجائبات، عقل، فضيلت ۽ ضمير جي غرائبات سان سينگاريل آهي؛ جو دوست جي دلين جي حياتي ۽ انسانن خواه جنن لاء باغيچو آهي- عرب وارن جي دانائي جي تعريف بيان جي حد کان باهر ۽ لشکر جي مردانگيءَ جي توصيف گهاڻائي کان وڌيڪ آهي- تنهن جو بنياد حڪومت جي قاعدن جي بنياد رکڻ ۽ سياست جي گنڊين کي مضبوط ڪرڻ لاء رکيو ويو آهي: جنهن جي ضمن ۾ دين ۽ دولت جون نصيحتون آهن، ۽ جو ملڪ ۽ ملت جي طريقن جو ضامن آهي. اگرچ عربي زبان ۽ حجازي لئي ۾ وڏو درجو هوس، ۽ عرب جي بادشاهن کي هن جي پڙهڻ ڏانهن نهايت توجهه ۽ ان تي حد کان وڌيڪ نخر هو، ليڪن جنهن صورت ۾ حجازي پردي ۾ (ڊيڪل) ۽ پهلوي (فارسي) هوليءَ جي زيور ۽ سينگار کان خالي هو، تنهنڪري عجم ۾ رائج نه ٿي سگهيو. ايران جي ڪنهن به سينگاريندڙ، نه هن نتحناسه جي ڪنوار کي سينگاريو هو، ۽ ڪي زبان جي سينگارخاني ۽ حڪمتن جي بُجڪي (بغچي) مان هن کي ڪو وڳو ڏکايو هو؛ نه عقل جي خزاني مان کو زيور پهرايو هو، ۽ نه وري فصاحت جي ميدان ۽ بلاغت جي باغيچن مان هن ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو هو. ليڪن جنهن صورت ۾ زماني جي سخت حادثن هن شڪسته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[حال مصنف] ڏانهن [رخ رکيو،] ۽ زماني جـون فوجون ۽ حادثن جون مصيبتون اچي سڀني جي سفيني ۾ گڏ ٿيون. پريشانيءَ جـا سڀ قسم موجود ۽ دلداريءَ جـا دروازا بند [ٿي چڪا]، ۽ قسمين قسمين خطرن ۽ نگين جـا اسباب ظاهر [ٿيا]. تہ انهيءَ حال سان هيءُ ڪتاب هـن بنده جي اڻپوري ذهن پورو ڪيو. وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ [۲۴۸].

———

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اشارا ۽ واڌارا*

۸/[٦] قباجـــة السلاطين: يعني ناصرالدين قباچه. لفظ "قباچه" فارسي زبان ۾ "قبا" جي تصغير آهي، يعني نندڙي قبا يا ڪُڙتڙو. ۽ غالباً هي لفظ ترڪي آهي، جنهن جي معني آهي "وڏو ۽ عاليشان." انهيءَ لحاظ سان "قباجة السلاطين" جي معني ٿيندي "وڏي ۾ وڏو بادشاهه." ناصر الدين قباچه جي وڌيڪ حالات لاءِ ڏسو "طبقات ناصري" ص ص ۱۴۲، ۱۴۴، ۱۷۲، ۽ ۱۷۴ (ع. م.)

۸/[٦] سلطان ابوالمظفر محمد بن سام: يعني سلطان معزالدين محمد بن سام غوري، جو هندستان جي تاريخ ۾ شهاب الدين غوري (۵۹۹-۶۰۲ هـ) جي نالي سان مشهور آهي (ع. م.)

---

* هيٺين صفحن ۾ ڪتاب جي ڪن خاص حوالن کي ڪولي سمجهايو ويو آهي ۽ ڪن مونجهارن کي سلجهايو ويو آهي. هر اشاري جي آڏو ڏنل شروع وارا انگ هن ترجمي جا صفحا ڏيکارين ٿا، ۽ چورس ڏنگين وارا عدد اصل فارسي چاپي جا صفحا ڏيکارين ٿا، جي ترجمي جي متن ۾ پڻ ٽلهن ڪارن انگن ذريعي ڏيکاريل آهن: شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي جي فارسي ايڊيشن تان ورتل وضاحتن پويان (ع. م.) نشان ڏنو ويو آهي؛ هوڙي والا جي ڪتاب *Studies in Indo-Muslim History* تان ورتل حاشيا سندس نالي منسوب ڪيا ويا آهن؛ ۽ هن ترجمي جي ايڊيٽر (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) جي ڏنل سمجهاڻين ۽ اضافن پويان (ن. ب) جو نشان قائم ڪيو ويو آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۹/[۷] قسيم امير المؤمنين ابوالفتح قباجة السلاطين : يعني ناصرالدين قباچه جنهن کي انهن لقبن سان لکيو ويو آهي. عوفي پڻ قاضي تنوخي جي "کتاب الفرج بعد الشدة" جي سنڌس کيل فارسي ترجمي جي مهاڳ ۾ ناصرالدين قباچه کي "ابوالفتح قباجة السلاطين قسيم امير المومنين" جي القاب سان لکيو آهي ـ ڏسو مقدمة جوامع الحکايات، مطبوعه لنڊن ۱۹۳۹ع، صفحه ۱۵. (ن ـ ب) غوري بادشاهه "قسيم امير المومنين" جي لقب سان سڏبا هئا. ۽ پڻ غوري غلامن کي، جن کيئي سال هندستان تي حڪومت ڪئي، هن لقب سان سڏيندا هئا. جيئن ته ناصرالدين قباچه، سلطان معزالدين محمد بن سام غوري جي غلامن مان هو، ۽ پڻ سلطان قطب الدين ايبڪ جون ٻه نياڻيون هڪٻئي پويان نڪاح ۾ آندیون هئائين، تنهنکري فتحناميءَ جي مصنف کيس انهيءَ لقب سان لکيو آهي. غوري بادشاهن کي هي لقب ڇو ڏنو ويو تنهن لاءِ ڏسو "طبقات ناصري" ص ص. ۳۷ـ۳۸. (ع. م.)

۱۳/[۹] امير عماد الدولة و الدين: فتحناميءَ ۾ هن صفحي تي [۹۳]، [۱۰۶]، [۱۴۱]، [۱۶۳] ۽ [۲۴۴] صفحن تي محمد بن قاسم کي "عماد الدين" جي لقب سان ياد کيو ويو جو ظاهراً فتحناميءَ جي فارسي مترجم علي کوفي طرفان اضافو آهي، جنهن کي فرشته (برگس، ۴۰۳×۴) پڻ استعمال کيو آهي. فارسي مترجم هيءَ جاءِ تي (فتحنامي ص ۱۲۷) محمد بن قاسم کي "کريم الدين" جي لقب سان سڏي ٿو. مترجم جي وقت ۾ اهڙن لقبن جو عام رواج هو. جنهن کان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

متاثر ٿي هن محمد بن قاسم جي لاء پن اهي لقب پنهنجي طرفان استعمال كيا. درحقيقت محمد بن قاسم واري زماني (پهرين صدي هجري جي آخر) ۾ اهڙا لقب ناپيد هئا، ۽ كنهن بہ عربي تاريخ ۾ محمد بن قاسم لاء اهڙا لقب استعمال كيل نہ آهن. البت محمد بن قاسم جو، عربي رواج موجب، هك خاص كُنيه "آبو آلبهار" هو. عربي لغة "تاج العروس" جو مصنف، مشهور عرب عالم مرزباني جي حوالي سان لكي ٿو ڏي: محمد بن قاسم كي "بهار" نالي هك پوٽي سان خاص انس هو. جنهنكري "ابو البهار" (بهار جو پيءُ) جي كُنيه سان سڏجڻ لڳو. تاج جو مصنف، الجوهري جي حوالي سان لكي ٿو ڏي: "بهار" هك پوٽو آهي جو بهار جي موسم ۾ ايرندو آهي، جنهن كي عرب العرار، العزارة عَينُ البَقَر توڙي بَهار البَرّ جي نالن سان سڏيندا آهن. ا. ه. محمد بن قاسم جي كنيه متعلق تاج العروس جو هي حوالو نهايت تاياب ۽ قيمتي آهي، جنهن جي بناء تي فارسي مترجم جي ايجاد كيل لقبن "عماد الدين" ۽ "كريم الدين" جي لقبن جي ترديد ٿئي ٿي؛ ۽ محقق مؤرخن لاء محمد بن قاسم جي سڃي نالي "ابوالبهار محمد بن القاسم الثقفي" جي تصديق. (ن - ب)

١٣/[٩] اروڙ: اسان متن ۾ هن صفحي جي حاشيه تي ڄاڻايو چكا آهيون تہ فتحنامي جي نسبتاً قديم نسخي پ جي پڙهي "ارور" آهي باقي ٻين جملي نسخن جي پڙهڻي "الور" آهي. بلاذري (فتوح البلدان، مطبوعہ يورپ ص ص ٤٣٩ - ٤٤١، ٤٤٥)،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

يعقوبي (مطبوعہ يورپ ۳۴۶×۲)، ابن الاثير (مطبوعہ مصر ص ص ۲۵۸×۴، ۲۸۲)، ابن حوقل (مطبوعہ يورپ ص ۲۳۰)، ياقوت [معجم البلدان (الرور)] وغيرهم عرب مؤرخن توڙي جغرافيدانن هن شهر جو نالو "الرور" ڪري لکيو آهي، جنهن پر شروع واري "ال" غالباً معرفه جي آهي. گمان غالب آهي تہ قبل از اسلام هن مقام جو نالو "رود" هو جنهن جي معني نهر يا درياء. ياقوت، حمزه اصفهاني جو قول نقل ڪندي لکي ٿو تہ: سنڌوندي جو قديم ايراني نالو "مهران رود" هو [معجم البلدان (مهران)]. جيئن تہ هن مقام وٽ مهران ڪيترن ئي شاخون ٿي ويو انهيءَ ڪري درياه جي رخ جي اهميت جي لحاظ، يا شايد انهن ئن شاخن مان ايرندين شاخ جي نالي جي لحاظ سان هن مقام جو نالو ٿي "رود" يا نهر پئجي ويو. محب الله بکري پنهنجي هڪ مختصر تاريخي تصنيف (قلمي) جي هڪ باب "در تفصيل امصار و بلاد و حصار و قصبات سنده و وجه تسمية و لغة آنها" هيٺ لکي ٿو تہ: هن شهر کي ڪسري نوشيروان جي دؤر ۾ هڪ تاجر نالي "مهماس بن اروخ بن هيلاج ارمني" آباد ڪيو. هي روايت به هن شهر جي بناء کي ايراني اقتدار واري دؤر سان وابسته ڪري ٿي ۽ انهيءَ لحاظ سان هن شهر جو ابتدائي فارسي الاصل نالو "رود" قدري قرين قياس نظر اچي ٿو. جو غالباً مقامي لهجي موجب ڪري "رور" ٿيو. عربن ان کي "الرور" سڏيو. جنهن جا مقامي لهجي جي لحاظ سان پوءِ ڪري ٻہ اچار ٿيا: "ازور" (عربي اصول مطابق "ل" جي حذف سان] ۽ "الور" (بيقاعدي، "ل"

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي قائم رکڻ ۽ "ر" جي حذف سان). اهي بيٽي اچار کم و بيش ويندي هن پوئين وقت تائين رائج رهيا. تعجب آهي جو سنڌي مورخن مثلاً مير معصوم، مير علي شير قانع وغيرهن "الور" تلفظ اختيار کيو آهي، حالانڪ "ارور" نسبتاً زياده صحيح آهي. محقق بيروني کتاب الهند (متن ص ۱۰۰، انگريزي ترجمو ۱ × ۲۵۰) ۾ هن شهر جو نالو صاف طور "ارور" لکيو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو عوام به انهيءَ تلفظ جي مناسبت سان هن شهر کي "اروڙ" سڏين ٿا. هن قديم شهر جا آثار روهڑي کان اٽڪل ۳ ميل ڪن ڏکڻ-اوپر طرف، ايرندي ناري جي پراڻي پيٽ جي اولهه ۽ موجوده ڏڻين واهه جي انهن طرف ڏکر، تي موجود آهن، جتي اڄ تائين "اروڙ" نالي ڳوٺ آباد آهي. ڏکر جي هيٺان اتر-اولهه طرفان درياء جي قديم وهڪري وارو پيٽ صاف طور نظر اچي ٿو. هي شهر اسلام کان اڳ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي دؤر کان وٺي ويندي عربن جي حڪومت جي اوائل دؤر ۾ تقريباً سنه ۱۲۵هـ تائين سنڌ جو تختگاهه رهيو، جنهن بعد منصور تختگاهه ٿيو. (ن-ب)

۱۳/[۹] اسمعيل بن علي .... بن شيبان الثقفي: هتي ڇاپي ۾ غلطي ٿي آهي- سڄو صحيح نالو هن طرح سمجهڻ گهرجي: اسماعيل بن علي بن محمد بن موسي بن طائي بن يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان الثقفي." (ڏسو کتاب جي آخر ۾ صحتنامو). فقط پ جي پڙهڻي مطابق ٿي "يعقوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان" ٿيندو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مگرہين جملي نسخن ۾ "يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شيبان" آهي. اسان پ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي، ڇاڪاڻ ته ص [۲۳۵] تي به پ توڙي ٻين سڀني نسخن جي متفقہ پڙهڻي 'يعقوب بن طائي بن محمد موسيٰ بن شيبان' آهي. فارسي ايڊيشن ۾ پ جي پڙهڻي کي نظرانداز ڪري، ٻين نسخن جي پڙهڻي "يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شيبان" اختيار ڪئي وئي آهي، جنهن کي ص [۲۳۵] تي سڀني نسخن جي متفقہ پڙهڻي سان مطابقت ڏيئي نٿي سگهجي. (ن-ب)

۱۴/[۹] بکر: شهر بکر جو هي حوالو تقريباً ۶۱۳ هـ جو آهي جڏهين فتحناميءَ جو مؤلف علي ڪوفي، عربي تاريخ جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ آڇ مان هلي اروڙ ۽ بکر ۾ آيو. ان وقت تائين اتي جا امام عربن جي ثقفي خاندان مان هئا. جي غالباً محمد بن قاسم جي فتح وقت اتي سکونت پذير ٿيا. جنهن جي معنيٰ اروڙ سان گڏ بکر جو قديم شهر به محمد بن قاسم جي وقت ۾ موجود هو. محمد بن قاسم جي فتوحات جي سلسلي ۾، مؤرخ بلاذريءَ (فتوح البلدان، مطبوعہ يورپ ص ص ۴۴۰-۴۴۱) ۾ ٻن شهرن "الرور و بغرور" جا نالا گڏو گڏ آندا آهن، جن مان مراد "اروڙ ۽ بکر" ٿي سمجهڻ گهرجي. (ن-ب)

۱۵/[۱۱] شرف الملک رضي الدولة والدين: متي عبارت ظاهر آهي ته وزير شرف الملک رضي الدين، فتحناميءَ جي مؤلف علي ڪوفي جو مربي هو. هيٺ، صفحي ۱۶ تي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جاڏايل آهي تہ هو حضرت ابوموسيٰ الاشعري جي اولاد مان هو ۽ سندس پٽ وزير عين‌الملڪ جي ڏنل سڄي نالي مان ثابت آهي تہ سندس نالو ابوبڪر هو- "نورالله مضجعه و طيب ثراه" جي دعائيہ فقرن مان ظاهر آهي تہ فتحنامي جي انتساب وقت (سنہ ۶۱۳ ھ) وزير شرف‌الملڪ فوت ٿي چڪو هو. (ن-ب)

شرف‌الملڪ رضي‌الدين ابوبڪر، ناصرالدين قباچہ (۶۰۲-۶۲۵ھ) جو وزير هو. مصنف عوفي پنهنجي تاريخي ڪتاب "لباب‌الالباب" ۾ هيٺين رباعي سندس مدح ۾ قلمبند ڪئي آهي:

اي صدر بفر ملک عجم چون تو نيامت
شہ طاحب فرخنده قدم چون تو نيامت
بسيار بگشت روز و شب دست بدست
تيغ و قلم و عدل و کرم چون تو نياقت

(ع-م)

۱۲/۱۶] ملڪ جي ڏڏ ل (چونديل.... حسين بن ابي بڪر الاشعري: اصل القاب (سندي ترجمي هيٺ آيل) سميت سڄو نالو هن طرح آهي: "عين‌الملڪ فخرالدولة والدين، نظام الاقاليم، جلال الوزراء حسين بن ابي بڪر بن محمد الاشعري". هيءُ وزير عين الملڪ فخرالدين حسين، مٿين وزير شرف‌الملڪ رضي الدين ابوبڪر جو پٽ آهي ۽ علي ڪوفي فتحنامي ڏانهنس منسوب ڪيو آهي. غالباً سندس والد وزير شرف‌الملڪ جي وفات بعد ٿي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

عين‌الملڪ، ناصرالدين قباچه جو وزير ٿيو. هو عالمن جو وڏو قدردان ۽ مربي هو، ۽ سندس هن وزارت جي دور ۾ ٿي مصنف عوفي پنهنجو ڪتاب "لباب‌الالباب" سنه ۱۸-۶۱۷/۱۲۲۲ع ڌاري شهر اُچ ۾ لکي، سندس نالي منسوب ڪيو - ڏسو مقدمه جوامع الحڪايات، لنڊن، ۱۹۲۹ع، ص ۱۲. (ن-ب) سنه ۶۲۵ھ ۾ جڏهين التمش جي وزير نظام‌الملڪ جنيدي اچي ناصرالدين قباچه کي سنڌ ۾ بکر جي قلعي اندر گهيريو، ۽ قباچه ذلت جي موت کان مهراڻ ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ختم ڪيو، تڏهين سندس باقي رهيل خدمتگار، جن مان وزير عين‌الملڪ، سندس ڀاءُ بهاوالدين حسن، "لباب‌الالباب" جو مصنف عوفي ۽ "طبقات ناصري" جو مصنف منهاج سراج به هئا، وڃي التمش جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. (ع.ه.)

ساڳئي سال (سنه ۶۲۵ هـ) سلطان التمش پنهنجي شهزادي رڪن‌الدين فيروز کي بدايون جو گورنر مقرر ڪيو ۽ عين‌الملڪ کي پڻ نوازي هن شهزادي جو ديوان يا وزير مقرر ڪيو. ڏسو طبقات ناصري ص ص. ۷۳-۱۷۲ ۽ ۸۲-۱۸۱؛ ۽ تاريخ اهليت ڊاؤسن، جلد ۲، ص ص ۳۲۵ ۽ ۳۳۰. (هوڙي والا ص ۸۰)

۲۱ / [۱۵] ديبل: ديبل جي قديمي متعلق نتحنامي جي هن حوالي مان گمان نڪري ٿو ته ديبل راءَ گهراڻي جي وقت (۶ صدي عيسوي) ۾ موجود هو. ديبل متعلق پهريون تاريخي حوالو بلاذريءَ جي "فتوح‌البلدان" ۾ ملي ٿو، جنهن مطابق سنه ۱۵ هـ (۳۷-۶۳۶ع) ۾، حضرت عمر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي خلافت ۾ عمان جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي پنهنجي ڀائرن، مغيره ۽ حڪم جي هٿ هيٺ سمنڊ ذريعي هڪ مهم موڪلي، جنهن هندستان جي الهندي ڪناري جي ڪن بندرن ديبل، پروچ ۽ ٺاڻي تي قبضو حاصل ڪيو. ان بعد مسلم ڪمانڊرن عبيدالله بن بنهان ۽ بديل بن طهفة البجلي جي ديبل تي ۷۱۱ع ڪان اڳ جي حملن، محمد بن قاسم جي ۷۱۲ع ۾ ديبل جي فتح، ۽ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي دور ۾ ديبل جا مسلسل حوالا ملن ٿا. عرب سياحن ۽ جغرافيدانن مان مسعودي (۳۳ - ۹۴۲ع)، اصطخري (۵۱ - ۹۵۰ع)، ابن حوقل (۶۸ - ۹۴۳ع)، ۽ آخر ۾ مقدسي (۸۶-۹۸۵ع) خود ديبل ۾ آيا ۽ پنهنجا اکين ڏٺا حالات قلمبند ڪيائون. ازانسواءِ، غالباً هڏل بيانن جي بناء تي، ديبل متعلق هيٺيان حوالا ملن ٿا، سفرنامو مسعر بن مهلهل (۳۳ - ۹۴۲ع)، حدودالعالم (تصنيف ۹۸۲)، بيروني - ڪتاب الهند (۱۱ صدي عيسوي جو اوائل)، ادريسي (۵۱-۱۱۵۰ع)، سمعاني (۱۱۲۹-۱۱۷۹ع)، ۽ ياقوت: معجم البلدان (۲۸-۱۲۲۴ع). هندستان جي اسلامي تاريخ ۾ سلطان معزالدين محمد بن سام غوري جي فتح ديبل (۸۳-۱۱۸۲ع) ۽ سلطان جلال الدين خوارزمشاهه جي فتح ديبل (۱۲۵۴ع) جا حوالا موجود آهن.

اهي جملي حوالا سنڌ جي انهيءَ ساڻي قديم تاريخي بندر ديبل سان تعلق رکن ٿا، جنهن جو هن ڪتاب فتحنامي ۾ بار بار ذڪر آيو آهي ۽ جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو. انهيءَ ڪري تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڪافي وٿوق سان چئي سگهجي ٿو تہ تقريباً ۶ صدي عيسوي کان وٺي تقريباً

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۱۳ صدي جي نصف (۲۵۳ ع) تائين ديبل بندر بهتر يا زبون حالت ۾ قائم رهيو (۱). گمان غالب آهي ته ڏهين صدي ۾ جيئن سنڌ ۾ عربي حڪومت جو زور ٽٽو تيئن سندن طاقت ۽ واپار جي مرڪز ديبل جي اهميت ۽ حفاظت ۾ گهٽجڻ لڳي. ٻئي طرف مقامي حالتن جي تبديل ۽

---

(۱) سنہ ۱۹۵۱ع ۾ مجلس علميه ڪراچي جي هڪ اجلاس ۾ ديبل جي محل وقوع جي موضوع تي بنده هڪ مقالو پڙهيو هو. ان موقعي تي شمس‌العلماء ڊاڪٽر داؤد پوٽي بندي جو ڏيان سيوطي جي ڪتاب "تاريخ الخلفاء" ۾ ديبل جي تباهي بابت هڪ حوالي ڏانهن ڇڪايو؛ جنهن موجب ديبل سنہ ۲۸۰ هـ ۾ خوفناڪ زلزلي ۾ تباهه ٿي ويو. اسان انهيءَ حوالي کي مقالي ۾ درج ڪيو، مگر ان کي ضعيف ۽ غير معتبر قرار ڏنو ۽ ان تي تنقيد ڪئي (ڏسو "ديبل جو سڪن محل وقوع" جي موضوع تي اسان جو انگريزي مقالو- مطبوعه "اسلامڪ ڪلچر" حيدرآباد دڪن، ماهه جولاءِ ۱۹۵۲ع ، صفحو ۳۷). ان بعد مزيد تحقيق سان معلوم ٿيو ته درحقيقت سيوطي جي "تاريخ الخلفاء" (مطبع منيريه ، مصر ، ۱۳۵۱ هـ) غالباً ڪنهن غلط قلمي نسخي تان ڇاپي وئي آهي ، جنهن ۾ شهر "اردبيل" جي بدران "ديبل" ڇپجي ويو آهي. انهيءَ جو هڪو دليل هيءُ آهي ته سيوطي ، زلزلن تي هڪ خاص ڪتاب "ڪشف‌الصلصله عن وصف الزلزله" جي نالي سان لکيو ، جنهن جو لب لباب ، فاضل مستشرق اي- سپرينگر (A . Sprenger) پنهنجي انگريزي ترجمي ۾ ڏنو آهي. جو ايشيائڪ سوسائٽي آف بنگال جي جرنل. سال ۱۸۴۳ع ۾ (ص ص. ۴۹- ۷۴۱) ڇپجي چڪو آهي. هن ترجمي جي صفحي ۷۴۳ تي صاف طور لکيل آهي ته سنہ ۲۸۰ هجري وارو زلزلو اردبيل ۾ آيو. انهيءَ ڪري ديبل سان هن حادثي جو ڪوبه تعلق ڪونه آهي.

(ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سنڌوندي جي ڇوڙ وارين شاخن ۾ ڦير گھير سبب، خود ندي جي هڪ شاخ تي هڪ نئين بندر لاءِ سهوليت پيدا ٿي ، جنهن تي "لوهاراني" نالو پيو. ۱۱ صدي جي شروع ڌاري محقق بيروني ديبل سان گڏ هن ٻئي بندر "لوهاراني" جو ذکر ڪيو آهي. غالباً هن نئين بندر جي سهوليت، ديبل جي اهميت کي آهستي آهستي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ابندڙ ٻن سؤ سالن اندر ديبل بالڪل ٽي ڦٽي ويو. چنانچ سنہ ۱۳۳۴ع ۾ جڏهين ابن بطوطہ ، سنڌوندي رستي هيٺ سمنڊ طرف ويو تہ اتي "لاهري بندر" کي ٽي اوج ٿي ڏٺائين. البت هن نئين بندر کان ۶-۷ ميل پري ، هن هڪ ڦٽل شهر جا آثار پڻ ڏٺا، جي شايد جهوني ديبل جا هئا.

بهر حال ديبل بندر تقريباً ڇهہ سؤ ورهيہ سنڌ جو هڪ مکيہ بندر ٿي رهيو ۽ هن عرصي واري سنڌ جي سياسي خواه اقتصادي تاريخ ۾ ديبل سان وابستہ هئي. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ ديبل بندر ڦٽي ويو مگر سنڌ وارن ان جي جاءِ نشين بندر کي وري بہ ديبل سڏيو ، ڇاڪاڻ تہ گذريل ڇهہ سؤ سالن جي عرصي ۾ "بندر" ۽ نالو "ديبل" لازم ملزوم جو بنجي چڪا هئا. پوئين زمالي جي تاريخ هن عام رواج جي تصديق ڪري ٿي ۱۶۰ صدي عيسوي ۾ پورچوگيزن هن ساڳئي لاهري بندر کي "لاهري بندر ، ڊيئوئل ۽ سنڌي ڊيئوئلسند" ڪري لکيو آهي، ۽ ان بعد انگريزن بہ ان کي "سنڌي ديوئل" خواه "لاڙي بندر" ڪري سڏيو (۱) ؛ ساڳئي وقت ٿٽي بہ

---

(۱) تصديق لاءِ ڏسو هيگ (Haig) جو ڪتاب "The Indus Delta Country" ، مطبوع لنڊن ، ۱۸۹۴ع ، ص ص. ۴۶، ۶۴ ، ۽ ۷۹.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هڪ درياڻي بندر جي اهميت حاصل ڪئي ۽ ان کي ٻه ديبل جو نالو ڏنو ويو. چنانچ ابوالفضل "آئين اڪبري" ۾ ٺٽي کي ديبل سڏيو آهي ۽ ساڳئي وقت ميرمعصوم لکي ٿو ته سندس وقت ۾ لاهري بندر توڙي ٺٽي ٻنهي کي "ديول بندر" چيو وڃي ٿو (تاريخ معصومي فارسي ص ٦). جيئن ته آڳاٽي وقت کان لاهري بندر تي ٻه ديبل جو نالو پنجي چڪو هو، انهيءَ ڪري اسان جي پوئين مؤرخ ميرعلي شير قانع لاهري بندر کي "پراڻو ديبل" ڪري پاڻيو (تحفة الڪرام ۳ X ۵۴-۲۵۳). ساڳيءَ طرح پير پٽو، جو بگهاڙ شاخ جو هڪ بندر هو، تنهن کي به مقامي طرح ديبل سڏيو ويو جيئن ته ميرعلي شير، تحفةالڪرام (۳ X ۲۴۷، ۲۵۲) ۾ اتي دفن ٿيل بزرگ شيخ حسين عرف پير پٽي کي "ديلي" ڪري لکيو آهي.

مٿين وضاحت مان معلوم ٿي چڪو ته جيتوڻيڪ اصل 'ديبل' جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو، سو زماني جي انقلاب سبب ٺٽي ويو، تاهم بادگار طور ان جو نالو هلندو آيو ۽ بعد ۾ لوهاراني يا لاهري لاهوري بندر ۽ توڙي ٺٽو، ٻيئي ديبل سڏجڻ لڳا. انهيءَ ڪري انهن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي اصلي قديم ديبل بندر سمجهڻ غلط ٿيندو. محقق بيروني، جنهن ٻهرياڻين ٻهرياڻين لوهاراني بندر جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن صاف لکيو آهي ته ديبل هڪ ساحلي بندر هو ۽ لوهاراني ان کان جدا ايرندي ڏانهن سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ جو بندر هو (ڪتاب الهند، عربي متن، ص ۱۰۲). ٺٽي جو ته بنياد ئي گهٽو پوءِ،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سومرن جي حڪومت جي بالڪل آخر ۾ سمن جي اوائلي دؤر ۾ تقريباً ۱۳۳۳-۳۷ع ڏاري پيءُ. انهيءَ ڪري پائنجر ۾ ڪنيگهام جو لاهوري بندر کي اصلي ديبل بندر سمجهڻ، يا رچرڊ برٽن، ڪئپٽن ميڪرڊو، ڊلا روشي، رينيل، ڊبليو هئملٽن، (تـوڙي پائنجر ۽ برنس جو سندن ٻيءَ راءِ موجب) ۽ آخر ۾ هينري ڪزنس جو نئين جي قديم ديبل سان متعين ڪرڻ ظاهراً غلط آهي. ايليٽ، ڪراچي کي ديبل ٺهرائي ٿو جو صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته سنہ ۱۷۲۵ع کان اڳ ڪراچي جو وجود ئي ڪونہ هو ۽ بندر طور ڪراچي ٻهريائين سنہ ۱۷۲۹ع ۾ استعمال ٿي. ميجر راورٽي، عرب مؤرخن ۽ جغرافيدانن جي حوالن کي نظر انداز ڪري، محض ڪئپٽن نيو پورٽ جي بيان (سنہ ۱۶۶۶ع) جي آڌار تي (جنهن ۾ پير پٽي کي "ديوئل" سڏيو ويو آهي) پير پٽي کي ديبل قرار ڏئي ٿو. اسان اڳ چئي آيا آهيون ته ديبل جي زوال بعد جهڙيءَ طرح لاهريءَ بندر ۽ نئين کي ديبل سڏيو ويو، اهڙيءَ طرح پير پٽي کي به ديبل سڏيو ويو.

ديبل جي جڳهه متعين ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ان وقت جي عرب مؤرخن ۽ جغرافيدانن جي بيانن مان ڪن پکن دليلن جو سهارو ورتو وڃي، جوتي مشڪوڪ ۽ وضاحت طلب حوالا ڪنهن به خاطر خواه نتيجي تي نه پهچائيندا. مثلاً عرب جغرافيدانن ديبل جا طول ۽ عرض (ڏکهائي ۽ ويڪرائي ڪاڪ) ڏنا آهن، مگر اهي خود وضاحت طلب آهن: اول ته هڪ مصنف طول ۽ عرض جا مختلف

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

درجا ڏنا آهن؛ ۽ ٻيو ته يقين سان چئي نٿو سگهجي ته هنن ساڻ هڪ ڏگهائي ڦاڪ ڪٽڻ شروع ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح عرب جغرافي نويسن ديبل جا مفاصلا ڏنا آهن، پر اهي به جملي وضاحت طلب آهن: اول ته جن شهرن کان ديبل جا مفاصلا ڏنا اٿن خود انهن شهرن جون جڳهيون معلوم نه آهن، ۽ ٻيو ته اهي مفاصلا ڏينهن جي پنڌ، يا منزلن ۽ مرحلن جي عدد، يا فرسخن ۽ ميلن ۾ ڏنل آهن: مگر ڪيئن چئي سگهجي ته هڪ ڏينهن جي پنڌ ساڻ چا مراد آهي؛ يا هڪ منزل يا مرحلي جو ڪيترو مفاصلو سمجهڻ گهرجي؛ يا ان وقت جو فرسخ يا ميل ۾ ڪيترو مفاصلو قرار ڏجي. انهن مشڪوڪ اندازن جو نتيجو آهي جو هن محققن، ايليٽ ۽ هيگ، پنهنجي ديبل کي متعين ڪرڻ لاءِ پنهنجي دليلن جو مدار عرب مصنفن جي ڏنل مفاصلن تي رکيو آهي. مگر تنهن هوندي به ايليٽ ڪراچي کي ديبل ٺهرايو آهي ۽ هيگ وري ڪراچي کان اٽڪل ۵۰ ميل اوپر ڏکڻ طرف، ڪڙ بکيرا يا بيگ چڱيو (نٽي کان ويهه ميل ڪن ڏکڻ-اولهه) جي ڦٽل دڙن کي ديبل قرار ڏنو آهي.

اسان جي خيال ۾ ديبل جي ساڳ کي متعين ڪرڻ ۾، اصولي سوال هيءُ آهي ته آيا ديبل خود مهراڻ جي ڪناري تي، يا ان جي ڪنهن شاخ جي ڪپ تي، يا سمنڊ جي ساحل تي، يا سمنڊ جي ڪنهن ڪاريءَ جي ڪنڊيءَ تي هو؟ ان سلسلي ۾ هيٺيان حوالا غور طلب آهن: بقول ابن خرداذبه ديبل مهراڻ جي ڪناري تي نه هو بلڪ مهراڻ جي ڇوڙ کان ٻه فرسنگ پري هو؛ اصطخري صاف طور ڄاڻائي ٿو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ته ديبل مهراڻ کان اولهه طرف سمنڊ تي هو: مسعودي چوي ٿو ته مهراڻ جو ڇوڙ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي پري هو: ابن حوقل لکي ٿو ته ديبل جو شهر مهراڻ کان اولهه طرف سمنڊ تي هو: بقول مقدسي، ديبل هڪ ساحلي شهر هو: ياقوت، مسعر بن مهلهل جي حوالي سان چاڻائي ٿو ته ديبل سمنڊ جي ڪناري تي هو: بيروني جي تحقيق موجب ديبل ساموندي ساحل تي هو ۽ لوهاراني بندر ان کان ايرندي طرف مهراڻ جي ڇوڙ وٽ هو، الخوارزمي (ڪتاب صورة الارض ۾) لکي ٿو ته ديبل سمنڊ تي هو: قلقشندي هڪ آگهائي ڪتاب "اللباب" جي حوالي سان لکي ٿو ته "تحقيق ديبل هندي سمنڊ جي ساحل تي آهي."

مٿين حوالن سان اصطخري، مسعودي، ابن حوقل ۽ مقدسي جا بيان اکين ڏٺا آهن. انهن بيانن مان هيٺيان پڪا پختا نتيجا نڪرن ٿا ته: (۱) ديبل، مهراڻ يا ان جي ڪنهن به شاخ جي ڪناري تي ڪوٺ هو: (۲) ديبل مهراڻ کان ڪچ پنڌ پري الهندي طرف هو: ۽ (۳) ديبل ساموندي ساحل جو بندر هو. انهن يقيني نتيجن جي بناءَ تي به ٻيو ٻيڻي يا لاهري بندر کي ديبل سمجهڻ غلط ٿيندو. ديبل کي لازمي طور مٿين مصنفن جي وقت واري مهراڻ جي ڇوڙ کان اولهه طرف سمنڊ جي ساحل تي تلاش ڪرڻ گهرجي.

هاڻي سوال آهي ته انهيءَ عربي دؤر حڪومت واري عرصي ۾ مهراڻ جو ڇوڙ ڪٿي هو؟ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ خاطر خواه حوالو موجود آهي: محمد بن قاسم جڏهن ديبل

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتح ڪيو (۱۷۱۲ع) ۽ تڏهن پاڻ خشڪي رستي نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو ۽ حڪم ڏنائين تہ منجنيقون وغيره جنگي سامان ٻيڙين ذريعي اچي. "اهي ٻيڙيون ٻوء اتان هاڪاري انهيءَ پائيءَ رستي آندائون جنهن کي 'ساڪرونارو' ٿي سڏيائون" (فتحنامو ص ۱۱۵). ساڪري واهڙ مان غالبا مراد قديم بگهياڙ ڦاٽ آهي جو ساڪري جي پرڳڻي مان وهندو رهيو آهي. ان وقت اهو اڃان نندڙو واهڙ هو جو غالبا ڏي سؤ سال ٻوء، يعني ۱۱ صدي جي اوائلي ۾، ٻيو نمبر نندو درياء بنجي ٻيو. جو تہ ان وقت ڏي محقق بيروني، سمنڊ وٽ سنڌو ندي جي ٻن سڪيم ڇوڙ وارن شاخن جو ذڪر ڪيو آهي، هڪ "منهن صغري" (نندو منهن) ۽ ٻيو اڳتي ڏکڻ-اپرندي طرف "منهن ڪبري" (وڏو منهن) [ڪتاب الهند، عربي متن ص ۱۰۲]. لوهاراني بندر انهيءَ نندي منهن تي هو، جنهن کي موجوده تحقيق موجب بگهياڙ تسليم ڪيو ويو آهي. عرب جغرافي نويسن جا مهراڻ ۽ ديبل متعلق بيان، بيروني کان ۵۰-۶۰ سال اڳ واري عرصي جا آهن، جنهن وقت ٻڌ بگهياڙ، مهراڻ جي ٻئي نمبر سڪيم ڇوڙ جي حيثيت ۾ يقيني طور موجود هوندو. ديبل، انهن جغرافي نويسن ۽ سياحن جي اکين ڏٺي بيانن موجب مهراڻ جي ڇوڙ کان بهرحال ٻري اولهه طرف هو. انهيءَ کري، ديبل جي تلاش بگهياڙ جي ويٽ کان اولهه طرف سامونڊي ساحل تي ڪرڻ گهرجي.

بگهياڙ جو قديم ويٽ ميرپور ساڪري تعلقي ۾ نمايان طور موجود آهي، جو هيٺ ميرپور ساڪري ۽ ٻهارن جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شهر وڃان اولهه طرف هلي، ٻارن جي شهر کان انڪل ۳-۴ ميل اولهه طرف ور کائي ڏکڻ طرف وهي سڌو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. کاڻي وٽوق سان چئي سگهجي ٿو ته ديبل بگهيارَ جي انهيءَ قديم ٻيٽ کان اولهه طرف ساحل تي، ويندي ڪراچي تائين، ڪنهن جاءِ تي هو ديبل جي تلاش ۽ تحقيق متعلق هيءُ نتيجو فيصلي ڪُن سمجهڻ گهرجي.

هاڻي ڪراچي کان وڃي هيٺ ڏکڻ - اوپر طرف بگهيارَ جي پراڻي ٻيٽ تائين، ڏيون يا قديم بستيون جي بندر جي حيثيت رکي سگهن ٿيون سي هي آهن: ڪراچي، ڪلفٽن، گسري، واگهو در يا ابراهيم حيدري، پٽيوري، رتو ڪوٽ، ماڙي مورڙو ۽ ٽنب واري مسجد، ڏارجا ۽ جاکي بندر، ۽ راڻي جو ڪوٽ.

انهن مان ڪراچي، جيئن اڳي بيان ٿي چڪو آهي، سڀ کان آخر ۾ بندر گاهه بنيو ۽ ۱۷۲۵ع کان اڳ هن جاءِ تي ڪوبه بندر ڪونه هو. ساڳيءَ طرح ڪلفٽن ۽ گسري ٻيٽي ڏيون آباد ٿيل بستيون آهن، جتي ڪي به خاص قديم آثار موجود ڪين آهن: البت ڪلفٽن تي عبدالله شاهه جو مزار آهي، جنهن بابت ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جو خيال آهي ته بقول بلاذري (فتوح البلدان، طبع يورپ ص ص ۴۶-۴۳۵ع)، عبيدالله بن نبهان جنهن کي حجاج، بديل بن طهفة البجلي کان اڳ، ديبل تي چاڙهي موڪليو هو، اهو مزار انهيءَ جو ٻڌي آهي (ڏسو فتحنامو، فارسي ايڊيشن، ص ۲۵۵). حقيقت ۾ هيءُ دليل ايترو وزندار نه آهي جاڪاڻ ته خود

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بـلاذريءَ جـــي لکيي موجب، تقريباً خـــود سندس ڏينهن ڏاري (۲۳۵-۲۲۹ هـ)، ديبل ۾ بديل بـن طهفة جـي قبر سا موجود هئي (فتوح، ص ۴۳۸) ۽ نہ عبيدالله بـن نبهان جي. پيو تہ ڪلهڙن وارو موجوده مـزار عبدالله شاهہ بخاري طرف منسوب آهي، ۽ سنڌ اندر بخاري سيدن جي آمد جو زمانو ڪافي پوءِ جو آهي.

واڳهوڙ يا ابراهيم حيدري تي قتل بستيءَ جا ڪجهہ نيشان موجود آهن ۽ ٿـي سگهي ٿو تـہ اهـو ديبل هجي. پنيور يقيني طور هڪ قديم بستي آهـي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ديبل هجي.

رڻ ڪوٽ، ابراهيم حيدري کان ڏکڻ-اوپر طرف هاڻوڪي ساموندي ايـراضي ۾ ٻيٽل هڪ قسم جو قلعو آهـي جنهن جي سرن ۽ آثـارن مـان معلوم ٿئي ٿو تـہ اهو پوئين زماني جو آهي.

پنيور کـان اٽڪل ۱۰-۱۱ ميل ڏکڻ-اولهہ طرف، تعلقي ميرپور ساڪري جـــي ديهہ ڪيراڻـي واري سنڌ جي ٻاڇي هيٺ آيل الهندي ايراضيءَ ۾ ٻہ قتل ڪنڊرات آهـن. جنهن کي هينٽر مقامي طور "ماڙي مورڙو" چون ٿا. شايد اهيئي آثار آهن، جن کي مسٽر ڪارٽر ((Carter) "ٽنب واري مسجد" سڏيو آهي ۽ ديبل ڪري سمجهيو آهي (ڏسو هينري ڪزنس جـو ڪتاب "سنڌ جا قديم آثـار" ص ص ۲۷-۱۲۶). ۱۹۴۴ع ۾ بندي راقم انهن آثارن جو معائنو ڪيو، مگر اتـي جيڪي پٿر جون قبرون ۽ مقام آهي اهـو مڪلي جي قبرستان واري عرصي يا اڃا به پوءِ جو معلوم ٿئي ٿـو. تقريباً ڏيڍ سؤ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سال کن اڳ هي ابراهيمي آباد هئي جا پسوء کاري هيٺ اچي ويئي. بهرحال هن ابراهيمي ۽ به ديبل جو هڪ قرين قياس آهي.

ڏاراجا، جا کي بندر ۽ راڻي جي کوٽ جا آثار، پهارن جي شهر کان اتڪل ۵-۶ ميل کن اولهه طرف ۽ بگهياڙ جي قديم مجرا جي اتر- اولهه طرف آهن، جن جو اسان سنه ۱۹۵۲ع ۾ معائنو کيو. راڻي جو کوٽ حقيقت ۾ راڻي ارجن جو کوٽ آهي، جنهن کي ميان غلام‌شاهه کلهوڙي بجار جوکيي هٽان ماراهو. کوٽ جي اولهه طرف راڻي جي پٽ "علي بن ارجن"، جو اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ مسلمان ٿي وفات کيائين، جي قبر موجود آهي ۽ جيتري قدر بندي کي ياد آهي تہ ان تي سنه ۱۱۰۲ هـ لکيل آهي. بهر حال هوءَ کوٽ پوئين زماني جو آهي.

جاکي بندر ۽ ڏاراجه بندر جا آثار درياء جي هڪ قديم شاخ (ڪٿي پٽياڻي؟) جي ايرندين ڪنڊيءَ تي (راڻي جي کوٽ کان ميل کن اولهه طرف) موجود آهن. اهي هيٺي مقامي نالا آهن، جنهن جو آڳاڻي تاريخ ۾ کوبه ذکر کوٿهي. جاکي بندر ڏکڻ طرف ۽ ڏاراجه لکو لک اتر طرف، انهن ٻن جدا نالن سان مگر غالباً هڪ ساڳي قديم بستي جا ڦٽل ليشان آهن، ۽ گمان غالب آهي تہ اهي آثار مشهور تاريخي بندر لاهري جا آهن. کٿپٽن پوسٽنس (Postans) ۱۸۳۴ع کان ۱۸۴۵ع واري عرصي اندر لکندي چوي ٿو تہ "ڏاراجه اڳ نٽي (جي واپار) جو مکيه بندر ۽ هڪ مشهور شهر هو، مگر درياءَ جي ڦير گهير سبب هن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بندر جي اهميت هاڻي گهڻجي وئي آهي ..... هن وقت ڏاڄڻ يا لاري بندر جي بدران ڪراچيءَ کي ئي بندر طور استعمال ڪيو وڃي ٿو" (۱).

مٿين وضاحت جي بناء تي واگهودر، پنيور، ۽ ماڙي موروڙ- ٽنب واري مسجد مان کنهن به هڪ کي ديبل قرار ڏيئي سگهجي ٿو. انهن مان هر هڪ جڳهه تي محڪمه آثار قديمه طرفان پوري طرح کوٽائي ڪري وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ارانسواء پنيور کان وڃي ڏاڄڻ ٽائين سڃي ساموندي ساحل جي پڙ پوري تلاش ڪري باقي رهيل کنڊرات جو پتو لڳائڻو آهي. اهڙي مڪمل کوجنا بعد ئي کنهن يقيني نتيجي تي پهچي سگهبو. مگر تاريخي روشني توڙي آثار قديمه جي هن وقت ٽائين ڪيل تحقيق جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته پنيور جي کنڊرات جو ديبل هڻڻ زياده ممڪن ۽ قرين قياس آهي. اسان جي هن نظريي جي تائيد ۾ هيٺيان دليل قابل غور آهن:

(۱) اول ته عرب مؤرخن ۽ جغرافيه نويس سان بلاذري (فتوح - ص ۴۳۸) ۽ ياقوت (المشترک ص ۱۰۲ ۽ معجم البلدان تحت "الديبل") "خورالديبل" جو ذڪر ڪيو آهي. هينري ايليٽ "خور" جي معني اپسمنڊ (bay) ورتي آهي، انهيءَ لاءِ ته سندس نظريي جي تائيد ٿئي جنهن موجب هو ڪراچي ڪي، جو هڪ نندڙي اپسمنڊ تي

(۱) ڏسو ڪيپٽن پوسٽنس جو ڪتاب Personal Observations on Sind مطبوعه لنڊن ۱۸۴۳ع، ص ص ۲۷ ۽ ۱۷.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

آهي، ديبل سمجهي ٿو. مگر خود عرب مصنفن مان قلقشندي (صبح الاعشي ٥ x ٦٤) ابن سعيد جي حوالي سان "خور" جي معنيٰ "خليج" لکي ٿو. "خليج" به مختلف معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو، مگر ان جي عام معنيٰ آهي کاري (۱). جيڪڏهين "خورالديبل" جي معنيٰ "ديبل جي کاري" تسليم ڪجي تہ انهيءَ مان هڪ پڪو گمان هيءُ نڪرندو تہ ديبل سمند جي هڪ کاري تي هو. هاڻي ڪراچي کان ويندي، ڏاراجہ جي ڪنڊرات تائين هن وقت ڪي کاريون موجود آهن. گسري واري کاري، گڏرو کاري جنهن جي منهن تي واگهودر آهي؛ ۽ سپ کان وڏي ۽ اهم گهارو کاري جنهن جي ڪناري تي پٽيور جا ڪنڊرات آهن. بقول مقدسي، (ويہ وقت) سمند جو پاڻي ديبل جي شهر اندر مارڪيٽ تائين پهچي ويندو هو. اهو اهجاڻ صرف پٽيور جي ڪنڊرات جي صورت حال سان لاڳو ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ اڄا تائين، پٽيور جي شهر واري پاسي جي اتر طرفان گهاري جو پاڻي اڻل ڪري وهي الهندي طرف واري تلاءَ ۾ اچي ٿو جو شهر جي آٿارن جي حد ۾ آهي.

(۲) ٻيو تہ پٽيور جا ڪنڊرات، واگهودر وغيرہ جڳهن جي پيٽ ۾ زياده وڏا ۽ وسيع آهن، جن پوئين صدي کان وٺي سيني کوجنا ڪنڊرن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي. چناڇ گذريل صدي ۾ ڊيوڊراس جنهن پٽيور جو معائنو ڪيو، سو لکي ٿو تہ هي "نهايت قديم ڪنڊرات آهن."

---

(۱) انگريزي ۾ Estuary يا Creek ڏسو هيگ جو ڪتاب "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" س ص۴۴-۴۳.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ساڳيءَ طرح پالنجر لکيو آهي "آڪالي وقت ۾ هيءُ ڪو وڏو شهر هو." ايليٽ ۽ ڪننگهام هنن ڪنڊرات جي قدامت جي بناء تي، پنيور کي سڪندر اعظم جي زماني جو "بابريڪان" بندو سڏين ٿا. هينري ڪزنس، جو هندستان جي محڪمي آثار قديمه جو وڏو آفيسر هو سو به مڃي ٿو ته "سنڌ جا باشندا هن کي هن صوبي جو قديم بندر گاهه سمجهن ٿا" ۽ هو پاڻ به هن کي سڪندر اعظم جي ڏينهن جو بندر تسليم ڪري ٿو. مگر تنهن هوندي به هو پنيور کي ديبل، جي بدلي، عربن جي ڏينهن جو، ڪاري تي بيٺل هڪ نديو حفاظتي قلعو چاڻائي ٿو، ڇاڪاڻ ته سندس خيال ۾ هي هڪ بالڪل ڇوڙي بستي "an insignificant site" آهي. هينري ڪزنس جو هيءُ ريمارڪ نه فقط متين بيانن جي برعڪس آهي مگر ڪنڊرات جي صورت حال جي پڻ مخالف آهي. پنيور جا ڪنڊرات درحقيقت ڪافي وسيع آهن. ذري گهٽ بلاڪ ڪن ۾ ٽڪر واري ڪوٽ جا ڪنڊرات آهن، جنهن جي ويڪري ديوار ٽوڙي پاسن وارن برجن جا نيشان اڃا تائين بيٺل آهن. هن ڪوٽ جي ڏکڻ طرف ٽڪر تي به قديم آثار ذري گهٽ اڌ بلاڪ ڪن ۾ پکڙيل آهن. اتر طرف ٽڪر هيٺ لڳو لڳ بلاڪ ڪن ۾ آثار موجود آهن جن ۾ ڪمرن ۽ ڪوٺين جون بنائون ۽ هڪ قديم ڪوهه موجود آهي. ٽڪر واري قلعي جي اتر- اولهه طرف وڏو تلاءُ موجود آهي ۽ هن تلاءُ جي ڏکڻ- اولهه طرفان ٻئ بلاڪ ڪن ۾ ڪنڊرات آهن جن ۾ ٽڪر واري قلعي لڳ هيٺ الهندي، وڏن متن جون زمين دوز

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

قطارون عبرت انگيز آهن. مطلب تہ، پنيور جا کنڊرات، ٽکر واري ٽاهين ڏري جي ڏاکڻي چوڙي کان ونڊي، اتر طرف واري قديم رستي تائين پکڙيل آهن. قديم قبرستان هن رستي جي ڏکڻ طرفان لڳو لڳ آهي. انهن جملي وسيع آثارن کي "چوڙي بستي" سمجهڻ حقيقت جي خلاف آهي.

(۳) ٻيو تہ فتحنامي ۾ ديبل جي ٻڈ واري مندر جو بيان ڏنل آهي جو چاليهہ گز اوچو هو. اهو اهڃاڻ ۽ پنيور جي صورت حال سان لڳي ٿو جنهن ۾ ٽکر وارو اوچو ڏرو ۽ انهيءَ تي قديم ديوار جا نيشان ۽ هڪ اوچي ابراغي نظر اچي ٿي، جا غالباً انهيءَ مندر جي هئي. فتحنامي ۾، محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ جي ٻين ٻڈ مندرن جا نالا ملن ٿا: مثلاً: اشبار، کنوهار، وکربهار، ۽ نوبهار. انهن نالن جي پڇاڙي ۾ "بهار"، يعني "وهار"، ٻڈ مندرن جي خصوصي سڃاڻپ جي نيشاني آهي. اسان جي خيال ۾ پنيور درحقيقت (بن + بهور = بن + بهار) "بنبهار" يعني "وَن وهار" جي اصلي نالي جي بگڙيل صورت آهي، جو غالباً ديبل واري ٻڈ - مندر جو اصلي نالو هو. انهيءَ لحاظ سان خود پنيور جو نالو ۽ ديبل جي اصليت تي غمازي ڪري ٿو.

(۴) محڪمي آثار قديمه طرفان پنيور جي بستي جي جا کوٽائي ٿي آهي ۽ ان مان جي شيون هٿ آيون آهن، سي ٻڌ هڻ نظريي جي تصديق ڪن ٿيون تہ غالباً هيءَ ديبل جي قديم بستي آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اول ۱۹۲۰ ۽ ۱۹۳۰ع واري عرصي ۾ محڪمي آثار قديمه طرفان هنن کنڊرات جي جا کوٽائي ٿي، تنهن مان ساڳيون اهڙيون شيون نڪتيون جهڙيون سنڌ جي عربي دؤر حڪومت واري گادي جي شهر منصوره مان لڌيون. تازو دوباره ۱۹۵۱ع ۾ هنن کنڊرات جي کوٽائي ٿي جنهن جي مفصل رپورٽ شايع ڪائي ٿي، مگر اخبار "ڊان" (Dawn, Karachi April 29, 1951) جي هڪ پرچي ۾ هڪ بيان ڇپيو ته هتان ٻين سنهين ٽلهين شين سان گڏ عربي خط نسخي ۾ لکيل تختيون ۽ عرب گورنر منصور جا ۸ صدي جي نصف آخر جا سڪا لڌا ويا آهن. اسان جي راء ۾ منصور بن جمهور جا سڪا وڌيڪ هن نظريي جي تائيد ڪن ٿا ته ديبل جا کنڊرات قديم ديبل بندر جا آهن. منصور بن جمهور الڪلبي، اموي دؤر جي زوال وقت، تقريباً ۱۳۰ هجري جي شروعات (۷۴۷ع جي آخر) ڌاري، عراق مان ڪهي اچي سنڌ تي زوري قبضو ڪيو ۽ انتي پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪئي، جا تقريباً سنه ۱۳۴ هجري جي نصف آخر (۷۵۱ع جي پڇاڙي) تائين باقي رهي. منصور انهيءَ خودمختاري واري دؤر ۾ پنهنجي نالي سان سڪا جاري ڪيا. منصوره، جو سنڌ جي گادي هو، سو منصور جي طاقت جو مکيه مرڪز رهيو. سنڌس حڪومت ۽ طاقت جو ٻيو مکيه مرڪز غالباً ديبل هو، جاڪان ته مؤرخ يعقوبي (۲۷۰ × ۲) لکي ٿو ته منصوره تي قبضي ڪرڻ بعد منصور، ديبل جي فتح لاء خاص طرح پنهنجي پاءُ منظور کي چاڙهي موڪليو هو. محڪمي آثار قديمه طرفان کيل کوٽائي مان منصوره جي کنڊرات سان اڳيئي منصور

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جا سڪا لڏا ويا آهن (ڏسو هينري ڪزنس جو ڪتاب "سنڌ جا آثار قديمه")۔ هيا سڪا خصوصاً سندس طاقت جي هيٺي مرڪز ديبل ۾ ملڻ کپن، جي پنيور جي ڪنڊرات مان مليا آهن۔ انهيءَ ڪري موجوده تحقيق موجب پنيور جو ديبل هڻڻ زياده قرين قياس معلوم ٿئي ٿو۔ (۱) (ن۔ب)

۲۱/[۱۵] چار حڪمران مقرر هئا: پڻ راءِ گهراٽي جي نظام حڪومت لاءِ ڏسو هيٺ ص ص ۴۴-۴۵۔

۲۱/[۱۵] ڪردن جي جبل ۽ ڪيڪانان تائين: ڪردن جا جبل، ڪرمان ۽ مڪران جي سرحد وارا جبل سمجهڻ گهرجن۔ حقيقت ۾ ڪُرد قبيلا، ڪرمان کان گهٽو اتر طرف ايران ۽ عراق واري سرحد تي رهندڙ آهن، مگر ڪرد توڙي ڪفچ ۽ بلوچ قبيلا ساڳيو تاريخي پس منظر رکن ٿا، ۽ ڪفچ (قفص يا ڪوچ) ۽ بلوچ قبيلن جون بستيون ڪرمان ۽ مڪران واري سرحد تي قديم وقت کان قائم هيون۔ اندازاً نوشڪي پاس کان اولهه۔ ڏکڻ طرف وارا جبل ڪردن جا جبل سمجهڻ گهرجن۔

ڪيڪانان اهو ملڪ آهي جنهن کي راءِ گهراٽي جي ايامڪاريءَ ۾ چين جي مشهور سياح شُون سَنگ (Huen Tsang)

---

(۱) هن تحقيق ۾ اسان پنهنجي مضمون جو خلاصو ئي معلومات جي اضافي سان پيش ڪيو آهي. مگر مفصل بحث ۽ حوالن لاءِ ڏسو اسان جو انگريزيءَ ۾ لکيل مضمون:

"The Most Probable Site of Debal the Famous Historical Port of Sind" (Islamic Culture, Hyderabad Deccan, Issue of July 1952).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"كي ـ كيانگ ـ نا" سڏيو آهي (ڏسو كننگهام: قديم جاگرافي، ص ١٠٠). شون سينگ جي بيان ۾ عرب مؤرخن جي متعدد حوالن جي بناء تي، بندي جي راءِ ۾ كيكانان جو ملڪ گومل ندي، نوشكي پاس، قصدار ۽ قندابيل (گنداوا) جي وچ وارو ملڪ هو. هن جاءِ تي راءِ گهرائي جي حكومت جي سرحد جو ذكر آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان مراد، كيكانان جي سرحد آهي ـ يعني سليمان جبل جي قطار جو اهو حصو جو گومل ندي كان شروع ٿي نوشكي پاس تائين پهچي ٿو. انهي نقطهٔ نظر كان جڏ موجوده قلات رياست توڙي سراوان ۽ جهالاوان جون رياستون به راءِ گهرائي جي حكومت ۾ شامل هيون. (ن ـ ب)

٣١[١٥] برهمڻ آباد: فتحنامي جي قلمي نسخن ۾ هن نالي جي صورتخطي "برهمناباد" آهي. بهرصورت هن نالي جي پڇاڙي "آباد" مان ظاهر آهي ته هي اصل ايراني نالو آهي. تاريخ مان به دليل ڪري ٿو ته هيءُ شهر غالباً ايران جي بادشاهه بهمن اردشير جي حكم سان ٻڌو ويو ۽ انهي لحاظ سان ان جو اصل نالو "بهمن آباد" هو. بهمن اردشير پنهنجي وسيع بادشاهي ۾ انهيءَ سان ئي شهر جوڙايا: هڪڙو بهمن آباد خراسان ۾ جو "ري" ۽ "نيشاپور" جي شهرن جي درميان هو (١)؛ ٻيو عراق (سواد) ۾ جنهن کي پهريائين "ايذ ارد شير" جو نالو

(١) ڏسو ابن خرداذبه ص ٢٣؛ قدامة (كتاب الخراج) ص ٢٠١، اصطخري ص ٢٨٤، حدودالعالم (طبع طهران) ص ٥٦، ۽ تاريخ بيهق ص ٢٠١.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏنو وڃي، مگر پوءِ اهو به "بهمنيا" سڏجڻ لڳو ۽ خود مؤرخ طبري جي ڏينهن (۸۶۸-۹۳۲ ع) ۾ پڻ موجود هو (طبري ج ۱ ص ۸۷-)۔ جيڪڻ ته سنڌ کي به ارد شير نتح ڪري پنهنجي بادشاهي هيٺ، آندو هو ۽ سندس حياتيءَ ۾ سنڌ تي هن جا مسلسل گورنر مقرر ٿيندا آيا (طمزه اصفهاني: سني ملوک الارض والانبياء، ص ص ۱۲-۱۳)، انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پڻ سندس نالي سان شهر ٻڌو ويو هوندو. انهيءَ جي تصديق "مجمل التواريخ" مان ٿئي ٿي جنهن جو مصنف لکي ٿو ته بهمن اردشير هن پاسي ۾ شهر ٻڌايا: هڪڙو ترڪن ۽ هندن جي سرحد نروار ڪرڻ لاءِ قندابيل (گنداوا) ۽ ٻيو ٻڌيه جي پرڳڻي ۾ "بهمن آباد" جنهن نالي سان هينئر منصوره ڪي سڏيو وڃي ٿو (مجمل التواريخ، طبع طهران ص ص ۱۱۷-۱۱۸)۔

غالباً گهٽو ٻوءِ جڏهن سنڌ ۾ برهمڻن جو دخل ٽيو تڏهن "بهمن آباد" نالي کي قيرائي "برهمن آباد" سڏيو ويو. برهمڻن جو سنڌ تي قبضو تعصب کان خالي ڪونه هو، هندستان جي برهمن راجا "قفند" پنهنجي پاءُ "سامند" کي جڏهن سنڌ تي چاڙهي موڪليو، تڏهن هن بهمن آباد ۾ آتشڪده جي جاءِ تي بتخانو قائم ڪيو (مجمل التواريخ، ص ۱۱۹)۔ شهر جي نالي جي قير گهر شايد خود انهيءَ تعصب سبب يا برهمڻن جي دراز تسلط سبب يا سنڌي هوليءَ جي مقامي اچار سبب وجود ۾ آئي هجي. البيروني (ڪتاب الهند، عربي متن ص ۱۳۰، ترجمه ۱ x ۲۶۰) ۱۱. صدي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي شروعات ڏاري ٻڌ من شهر جو نالو "بهمنوا" لکيو آهي، جنهن مان پڻ هن شهر جي اصلي ابراڻي نالي جي تائيد ٿئي ٿي. البيروني وڌيڪ لکي ٿو تہ برهمناباد درحقيقت "بهمنوا" آهي (ايضاً، ترجمو ۱×۱۶).

نتحناسي مان ظاهر آهي تہ راءِ گهراڻي جي وقت ۾ برهمڻ آباد، لوهاڻي پرڳڻي جو مرڪزي شهر ۽ اتي جي حاڪم اگهم جي گاديءَ جو هنڌ هو (ڏسو متن، ص ۵۷). محمد بن قاسم جي فتح وقت (۷۱۰ع) ۾ برهمڻ آباد هن ابراضيءَ جو مکيہ قلعو هو. شهر هن مضبوط قلعي اندر هو جنهن کي چار دروازا هئا، ۽ هن شهر جي ايرندي پاسي کان "جلوالي" نالي نهر وهندڙ هئي (ڏسو ستن ص ص ۲۹۰-۲۹۱). برهمڻ آباد جي مرڪزي حيثيت غالباً تڏهن گهٽي جڏهن محمد بن قاسم جي ٻڌ عمر کي، سنڌ جي گورنر الحڪم جي ايامڪاري ۾ (۱۱۱-۱۲۱/۲۲ ھ)، سندس شاندار فتوحات جي يادگار ۾ منصوره جو شهر ٻڌايو (بلاذري: فتوح البلدان ص ۴۴۴)، جو برهمڻ آباد کان ٻن فرسخن جي مفاصلي تي هو (ايضاً، ص ۴۳۹). جيتوڻيڪ هن نئين شهر جو نالو، الحڪم جي ايامڪاريءَ ۾ کيل فتوحات سبب "المنصوره" رکيو ويو، ۽ جيئن تہ هي نئون شهر هن ساڳي برهمڻ آباد واري ابراضي تورڻي سڃي سنڌ جو تختگاهہ بنيو، انهيءَ ڪري مقامي طور سنڌ وارن هن نئين شهر کي بہ برهمڻ آباد سڏيو. اصطخري (ص ۱۷۰) ۽ ابن حوقل (ص ۸۲۶) صاف طور لکيو آهي تہ سنڌيءَ ۾ منصوره کي بہ "برهمناباد" جي نالي سان سڏيو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڃي ٿو. انهيءَ کري ٿي عرب مؤرخن، منصوره جي هن نئين مقامي نالي برهمڻ آباد ۽ جهوني برهمڻ آباد (جو منصورہ کان ٻہ فرسنگ ٻري هو) ۾ تعمير ڪرڻ لاءِ اصلي برهمڻ آباد کي (جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو هو) "برهمناباد قديمتيقة" (بلاذري، فتوح البلدان ص ۴۳۹) يا "برهمناباد قديم" (فتحنامو، متن ص ۱۵۶ | [۱۱۰]) يعني جهونو برهمڻ آباد کري سڏيو.

هاڻي سوال آهي تہ اهو اصلي قديم برهمڻ آباد ڪهڙي جڳهہ تي هو؟ هن سلسلي ۾ مٿيان ٻہ حوالا نهايت قيمتي آهن: هڪ تہ برهمڻ آباد، نئين ٻڌايل شهر منصورہ کان ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي هو، ۽ ٻيو تہ ان جي اپرندي طرف کان "جلوالي" ندي وهندڙ هئي. محڪمي آثار قديمہ جي طرفان ۱۹۲۰ـ۱۹۲۲ع واري عرصي ۾ جا کوٽائي ٿي ان مان يقيني طور ثابت ٿي چڪو آهي تہ شهدادپور کان ۸ ميل کن اوپر ڏکڻ طرف ۽ جمڙاڻو واهہ جي لڳو لڳ اوپر طرف، دلور وارو مشهور ٻڙو ۽ ان جا وسيع کنڊرات درحقيقت عربي شهر منصوره جا کنڊرات آهن. عرب گورنرن جا لڏل ڪاري ڪر جو سامان ۽ قديم شاهي مسجد جا آثار قديمہ وارن جي عربي تاريخ کان هن شهر جي مقامي نالي "هانيٽياهہ" سبب، هنن آثارن کي برهمڻ آباد ٿهرايو ويو آهي. حقيقت ۾ جهوني برهمڻ آباد کي هن شهر منصوره کان ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي ڳولڻ گهرجي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هاڻي جيڪڏهن منصوره جي آثارن جي وچ کي (۱) مرڪز بنائي، ته فرسنگن (يعني پنجن يا ڇهن ميلن) جي نيم قطر سان گول ڪيڙجي ته قديم برهمڻآباد انهيءَ گول جي گهيري واري لائين جي لڳ ڀڳ واقع هوندي گهرجي. منصوره جي پسگردائي جو معائنو ڪو ڏيکاري ٿو ته ٻيا قديم ٽيڑا ۽ آثار منصوره جي ڪنڊرات کان ڏکڻ- اوپر، اوپر ۽ اتر- اوپر طرف پکڙيل آهن. منصوره کان اتر- اوپر طرف "جراري" جو ڪوٺ آهي جنهن جو نالو قديم نهر "جلوالي" (= جرواري = جراري = جراري) جو هڪ يادگار آهي. انهيءَ ابراضيءَ جو اسان پوريءَ طرح گشت ڪيو آهي ۽ اسان جي خيال ۾ "گاڙهي ٽڙي" (ڪوٺ پليي لغاري تعلقي سنجهوري جي لڳ اوپر طرف) جا ڪنڊرات يا ڏيپر گهانگهري جي ٽل (جهول جي اولهه طرف) جي اولهه طرف وارا ڪنڊرات، انهن ۾ مان ڪنهن به هڪ جا آثار "قديم برهمڻآباد" جا آثار آهن. اهي ٻئي ڪنڊرات منصوره کان اٽڪل ۵-۶ ميلن يعني ٽن فرسنگن جي مفاصلي تي آهن. (ن-ب)

---

(۱) خود منصوره جا موجوده آثار ۽ گهٽي اراضي ۾ پکڙيل آهن ۽ اندازي طور جامع مسجد واري جاءِ شهر جي اوائلي بنياد واري ابراضي سمجهڻ گهرجي: جامع مسجد واري جڳهه کي، هينري ڪزنس جي ڪتاب "Antiquities of Sind" ۾ هنن آثارن جي ڪيل ڪوٺائي جي صورتحال واري نقشي ذريعي، آساني سان متعين ڪري سگهجي ٿو. اها جاءِ اوپر طرف ٻيٽل ٽل جي اتر- اوپر طرف آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۲۱/[۱۵] نيرون ڪوٽ: فتحنامي ۾ ص ۱۶۴/ [۱۶]
تي چاڻايل آهي تہ محمد بن قاسم ديبل جي فتح بعد
نيرون ڪوٽ ڏانهن ڪوچ ڪيو ۽ ڇهن ڏينهن جي پنڌ بعد
ستين ڏينهن اچي نيرون ڪوٽ وٽ پهتو، جو ديبل کان
پنجويهن فرسنگن جي مفاصلي تي هو. نيرون لڳ "برواري"
جي جوءِ هڻي جتي چراگاهہ هٿا مگر مهراڻ جو پاڻي اڇا اٿي
ڪونہ آيو هو. هن بيان مان ظاهر آهي ديبل کان نيرون ڪوٽ
ڏانهن ايندي، محمد بن قاسم مهراڻ ڪونہ لڌو؛ جنهن جي
معني ته نيرون ڪوٽ مهراڻ جي اولهہ طرف هو. ديبل کان
نيرون ڪوٽ ۲۵ فرسنگ يعني ۷۵ ميل پري هو. جيڪڏهن
پنيور وارا ڪنڊرات ديبل جا آهن، جيئن اسان مٿي بحث
ڪري آيا آهيون تہ پنيور (گهاري لڳ) کان حيدرآباد
تقريباً ۷۵ ميلن جي مفاصلي تي آهي. حيدرآباد جي
اولهہ-ڏکڻ طرف جتان هينئر درياءَ وهي ٿو، هڪ هيٺاهين
۽ آباد زمين واري اراضي آهي؛ غالباً اها ئي "برواري" جي
چراگاهن واري اراضي هئي، جنهن ۾ محمد بن قاسم اچي
منزل انداز ٿيو.

سنڌ جي مقامي روايات موجب ٻڌ حيدرآباد جو شهر،
نيرون ڪوٽ واري قديم بستي جي جاءِ تي اڏايل آهي (ڏسو
تحفة الڪرام، ۳ × ۱۷۷). حيدرآباد جو موجوده قلعو ميان
غلام شاه ڪلهوڙي سنہ ۱۷۶۸ع ۾ تعمير ڪرايو ۽ پائنجي ٿو
تہ هن جاءِ تي ان وقت ڪان اڳ به ڪا بستي موجود هئي.
محب الله بکري پنهنجي مختصر تاريخ (قلمي) جي هڪ باب ۾
حيدرآباد بابت لکي ٿو تہ: حيدرآباد دراصل نيرون جي نالي سان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مشهور آهي. شهر جو بنياد، نبوت ۽ هجرت جي وچ واري عرصي ۾ پنجين سال پيو. مغلن جي فتح بعد هي شهر حيدرآباد سڏجڻ لڳو چاڪاڻ تہ حيدر قلي (ارغون؟) هن کي نئين سر تعمير ڪرايو ۱. هـ. (ن-ب)

ے ۲۲-][۱۵] لوهاڻو، لاکه ۽ سمه : لوهاڻو ان وقت ۾ سنڌ جو هڪ پرڳڻو هو، جنهن جو حاڪم، راء گهراڻي جي زوال وقت، اگهم هو. فتحنامي ۾ لوهاڻي جي حاڪم اگهم (ص ۵۵ - ۵۷) ۽ لوهاڻي جي جتن (ص ۶۴) جو ذڪر آيو آهي. لوهاڻي واري پرڳڻي ۾ لاکه، سمه ۽ سهته جون ابراضيون شامل هيون (ص ۵۵)، ۽ انهن ابراضين تي اهي نالا اتي جي رهندڙ قومن جي پٽيان پيل هئا. لوهاڻو پرڳڻو غالباً سانگهڙ ضلعي جي شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقن ۽ حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي تي مشتمل هو. انهي اراضي ۾ ساهتي، لاکات ۽ لوهاڻو نالا اڄ ڏينهن تائين انهن قومن جي قديم بستين جا يادگار آهن. شهدادپور کان هيٺ درياء جو هڪ پراڻو ڏورو اڃا تائين "لوهاڻو درياء" سڏجي ٿو چاڪاڻ تہ درياء جي اها شاخ هن لوهاڻي پرڳڻي جي مکيہ اراضي مان وهندڙ هئي. (ن - ب)

۲۲ [۱۵] هڏہ : هيءُ قديم سنڌ جو اتر- الهنديون پرڳڻو هو جو سيوستان يا سيوهڻ پرڳڻي جي لڳو لڳ اتر ۾ هو، ۽ جو اندازاً موجوده لاڑڪاڻي ضلعي سڄي ۽ جيڪب آباد ضلعي جي الهندي پاڳي تي مشتمل هو. اتر الهندي کان ڪيڪانان جو ترڪي پرڳڻو لاڳو هوس، فتحنامي جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

صفحي [۳۹] مان واضح آهي تہ راء گهراڻي جي زوال وقت "ڪاڪا راج" هن پرڳڻي جي گادي جو هنڌ هو.

بعد جي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قندابيل (گنداوا) هن ڏينهن پرڳڻي جو سرحدي شهر هو، جنهن جي برڻان ڪيڪانان جو ڏاکڻيون علائقو "توران" هو. قندابيل بلڪل سرحد تي هو ايتري قدر جو ان کي ڪنهن وقت توران جي علائقي ۾ شمار ڪيو ويندو هو [ياقوت، بلدان (قندابيل) ۽ مقدسي ص ۴۸۶] حالانڪ قندابيل، ٻڌيه پرڳڻي جو مکيه تجارتي شهر هو [ابن حوقل ص ۲۳۱]. (ن-ب)

۲۲/[۱۵] رونجهان: هن نالي سان اڄ ڏينهن ٽائين ٻه شهر، رونجهاڻ مزاري ۽ رونجهاڻ جمالي، جيڪب آباد ضلع لاڙڪاڻو موجود آهن. شايد قديم رونجهاڻ علائقو انهيءَ ايراضي تي مشتمل هو. نتحنامي جي فارسي ترجمي (۶۱۳هـ) کان ۳۲ ورهيه پوءِ سنه ۶۴۵ هـ ۾ به رونجهاڻ تي مغلن جي حملي جو تاريخي حوالو ملي ٿو جنهن ۾ "برج" ۽ "رنجهان" افغانستان جي سرحد اندر ٻه شهر چاڻايا ويا آهن (تاريخ نامه هراة للهروي، ڪلڪته ۱۹۴۳ع، ص ص ۶۳-۱۶۲). انهيءَ جي معنيٰ تہ آڪاڻي وقت ۾ هن علائقي کي ڪافي اهميت هئي ۽ ستين صدي هجريءَ ۾ هن ايراضي تي غالباً افغانستان جو قبضو هو. (ن-ب)

۲۲/[۱۵] اسڪلنده: مجمل التواريخ جي مصنف هن شهر کي "عسقلند" ڪري لکيو آهي. هن شهر کي اڄ جي قديم شهر سان متعين ڪيو ويو آهي. ڏسو راورٽي جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کتاب "مهران"، ص ص ۲۴۴-۲۵۵، حاشیه نمبر ۱۹۲. (ع.م)

۶۳/[۱۵] باتیه: یعنی پاتیه، جنهن کي ڪن مصنفن "بهاطیه" ڪري لکيو آهي. فتحناميءَ ۾ صفحي [۳۳] تي چچ جي فتوحات جي بيان ۾ چاڻايل آهي ته، قلعو پاتيه، بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هو. وري صفحي [۲۳۵] تي محمد بن قاسم جي فتوحات ۾ چاڻايل آهي ته اروڙ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم، اتر طرف وڌيو ۽ اول اول قلعي پاتيه وٽ پهتو جو بياس نديءَ جي ڏکڻ طرف هڪ قديم قلعو هو، ۽ چچ جو پائٽيو، اروڙ طرفان ان جو حاڪم هو. پاتيه فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم بياس نديءَ آڪري قلعي اسڪلنده کي گهيرو ڪيو ۽ ان جي فتح ڪرڻ بعد سڪه جي قلعي کي گهيرو ڪيائين جو راوي نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هڪ مضبوط قلعو هو. ان قلعي جي فتح بعد راوي نديءَ آڪري ملتان کي گهيرو ڪيائين (ايضا ص ۲۲۶-۲۳۷). اهي حوالا غالباً فتحناميءَ جي اصلي عربي رکاربڊ مطابق آهن ۽ انهيءَ ڪري پاتيه جي محل وقوع متعين ڪرڻ ۾ اصولي سمجهه گهرجن. انهن حوالن مان ظاهر آهي ته چچ جي ڏينهن ۾ پاتيه جي قلعي ۽ هڪڙي جو انتظام ملتان جي هدلي اروڙ سان وابسته هو، ۽ پاتيه اروڙ ۽ ملتان جي درميان بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي هو. محمد بن قاسم جي فتوحات مان ظاهر آهي ته پاتيه، نسبتاً اروڙ کان ملتان کي ويجهو هو. تقريباً لڳ سؤ سال پوءِ به پاتيه جو قلعو انهيءَ ساڳي نالي سان موجود هو ۽ محمود غزنوي جي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

فتوحات ۾ ان جو ذڪر اچي ٿو: ان سلسلي ۾ تاريخ يميني جو مصنف (غزني سان) لکي ٿو ته: "پاڻيه، ملتان جي پريان آهي"۔ يعني ته سنڌ واري طرف آهي. ۽ صديون پوءِ، فتحنامي جو مترجم سنه ۶۱۳ھ ۾، موجوده زبر بحث صفحي ۲۲/[۱۵] تي چاڻائي ٿو ته (هن وقت) پاڻيه کي "ملواڙو ۽ چچ پور ۽ چوندا آهن." (ن۔ب)

۲۲/[۱۵] ديوهپور: اصل فارسي متن جي ص [۱۵] تي "ديوهنوز" ۽ ص [۵۱] تي "ديود هنوز" لکيل آهي. هوئين پڙهڻي پ مطابق "ديوهپور" ۽ م مطابق "ديوهنوز" آهي. پ جي پڙهڻي سان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ نالو اصل ۾ "ديوهپور" آهي، جنهن کي تاريخ معصومي ۾ (ص ص ۲۸، ۳۱) "ديبالپور" لکيو ويو آهي. (ن۔ب)

۲۳/[۱۶] نيمروز: آگهاڻي وقت ۾ نيمروز هيٺين ملڪن جي گڏيل اراضي جو نالو هو: فارس، اصفهان، اهواز، بست، زابل، سجستان، سنڌ، ڪران ۽ ڪرمان. بعد ۾ اهو نالو، سجستان (سيستان) ۽ ان جي پسگردائي واري خيطي سان مخصوص ٿيو. (ڏسو الخفاجي جو ڪتاب "شفاءالغليل"، ص ۳۲۴). سيستان هن وقت افغانستان جو هڪ پرڳڻو آهي. (ن۔ب)

۲۶/[۲۶] چترور جو بادشاهه: يعني چتور جو بادشاهه. غالباً آگهاڻي وقت ۾ هن شهر جو نالو "چترور" هو. فتحنامي جي معتبر نسخن مثلا پ، ل ۽ م جي پڙهڻي ۾ "جترور" آهي. البيروني ۾ "ڪتاب الهند" ۾ هن شهر جو نالو "جڙور" لکيو آهي۔ بقوله: "بازان کان ڏکڻ طرف (ويندي) اوهين ميواڙ پهچندو جنهن جي گادي جڙهرور آهي." (ن۔ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۳۹/[۳۸] راجا مهرٹ جو سر بدن کان ڈار ڪري چڈيائين: تحفة الڪرام (جلد ۳، ص ۷) جو مصنف چوي ٿو ٿ: "هيءُ واقعو نبي صلعم جي هجرت جي پهرئين سال جي لڳ ڀڳ آهي." (ع ۰ ۰ ۰)

۴۳/[۳۱] وزير بڌيمن طاڪي: غالبا "طاڪي" نسبت آهي "تاڪيه" ڏانهن يعني "تاڪيه جو باشندو." تاڪيه جو ذڪر هن ڪتاب اڳ ص ۲۳/[۱۵] تي اچي چڪو آهي ته راءِ سيهرس پنهنجو هڪ حڪمران ملتان ۾ مقرر ڪيو ۽ "سڪه، برهمپور، ڪرور، اشهار ۽ تاڪيه ويندي ڪشمير جي حد تائين، انهيءَ جي حڪومت هيٺ رکيائين." هن عبارت مان ظاهر آهي ته تاڪيه ملتان ۽ لاڳو ۽ ملتان ۽ ڪشمير جي وچ وارو ملڪ هو. اڳتي صفحي ۱۰۵/[۳۷] تي تاڪيه ۽ ڪشمير جي حد جو ذڪر آهي ۽ ڪشمير جي حد تاڪيه کان مٿي چاڻايل آهي: ۽ صفحي ۲۹۵/[۲۰۳] تي "بلاد طاڪيه" (طاڪيه جي شهرن) مان اهوئي گمان ڪري ٿو. وري صفحي ۳۵۱/[۲۳۷] تي ملتان جي پسگرداڻي واري شهر "سڪه" جي حاڪم بجهراء ڪي "بجهراء طاڪي" جو ڏوهٽو چاڻايو ويو آهي. عرب مؤرخن جو "طاڪيه" يا "طاڪيه" ساڳيو "تڪاديش" آهي جنهن جو ذڪر هندستان جي تاريخ جي مقامي ماخذن ۾ ملي ٿو. (ن-ب)

۴۶/[۳۳] سرحد.....جا ترڪن مان لاڳو آهي: هن سرحد مان مراد غالباً سنڌ جي اتر طرف واربون ڪابلستان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ زابلستان جون سرحدون آهن، ڇاڪاڻ جو ان وقت انهن ملڪن جا باشندا ۽ حاڪم ترڪ هئا. (ن-ب)

۴۸/ [۳۵] ڪي نالي وارا دوست شهيد ٿيا: "شهادت" جي لفظ جي استعمال مان گمان نڪري ٿو ته ڇچ جي لشڪر ۾ ڪي مسلمان (عرب) پڻ شامل هئا. ان گمان جي تصديق اڳتي صفحي ۴۹ تي ٿئي ٿي، جيڪي ته ڇچ سندن سردار امير عين‌الدوله ريحان کي سڪه جو حاڪم مقرر ڪيو. (ن-ب)

۵۳/ [۳۹] سرڪوند پٽ پندرڪو ڏکو: سرڪوند معني بهادر: پندرڪو يعني پندن يا بکيارين جي رکيا ۽ پروش ڪندڙ. انهيءَ ساڳيءَ ترڪيب سان ص ۵۸/ [۴۲] تي ٻيو نالو "هڏرڪو" آيل آهي يعني هڏ جي بت جو محافظ: ڏکو يعني ڏکشو يا پوجاري، خصوصاً هڏ ڏرم جو. (ن ب)

۵۴/ [۳۹] ڪاڪا راڄ: يعني ڪاڪا قوم جو راڄ. سنڌ جي اثر الهندين پرڪٿي ڪڏهن جي گاديءَ جو هنڌ "ڪاڪا راڄ" هو. تحفة الڪرام (۱۲۳×۳) ۾ ڪاڪا راڄ جو ذڪر اچي ٿو. غالباً ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تعلقي "ڪڪڙ" جو نالو انهيءَ قديم ڪاڪا راڄ جي بگڙيل صورت جي يادگار آهي. (ن-ب)

۵۶/ [۴۱] ريگستان جي بادشاهه ڏانهن جنهن کي ڏٻي به چوندا آهن: اصل عبارت ۾ "ملڪ-رمل" آهي. رمل معني واري، جنهن ڪري ترجمي ۾ "ريگستان جو بادشاهه" لکيو ويو آهي. غالباً ان مان مراد جيسلمير ۽ ٻاهڙ ميرجي ملڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جو حاڪم آهي چاڪاڻ تہ جيسلمير آڪاڻي وقت ڪان وڌي ٻڌين جي بستي رهي آهي. سنڌي نسبنامي جي هڪ آڪاڻي بيت ۾ چيل آهي تہ: "سنڌ سمو، ڪاچي چنو، پاڻي جيسلمير." جيئن تہ عربن جي فتوحات ۾ "بالمد" شهر جو نالو اچي ٿو جو غالباً "ٻاهڙ ميڙ" آهي، انهيءَ لحاظ سان "ملڪ رمل" کي "ٻاهڙ ميڙ جو راجا" تعبير ڪرڻ مناسب ٿيندو. والله اعلم بالصواب. (ن-ب)

۵۸/ [۴۲] "ٻڌ نو وهار": يعني نو وهار نالي ٻڌ جو مندر جنهن جو رکوال "ٻڌرکو" نالي شمني پروهت هو. صفحي ۶۳/ [۴۶] تي هن شمني جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ نو وهار جو مندو هڪ قديم عبادتگاهہ هو جو گهڻي وقت ڪان زماني جي گردش سبب زبون ٿي چڪو هو. جنهن کي نئين سر ٺهرائڻ لاءِ هن شمني، چچ کي خاص تاکيد ڪيو.

۵۸/ [۴۳] ڪنوهار: هن صفحي ٽوڙي اڳتي ۶۰-۶۱ صفحن جي عبارتن مان ظاهر آهي تہ چچ جي سنڌ تي قبضي وقت ٻڌ جو هي مندر آباد هو ۽ "ٻڌرکو" شمني جو هڪ وڏي اثر ۽ رسوخ وارو شمني پروهت هو، سو هن مندر جو راهب يا مجاور هو. صفحي ۶۱/ [۴۴] تي جاڻايل آهي تہ برهمڻ آباد فتح ڪرڻ بعد، چچ هن پروهت کي، جو سندس مخالف هو، سزا ڏيڻ لاءِ "هٿيار بند ماڻهن کي سوار ڪري ٻڌ- مندر ڪنوهار ڏانهن روانو ٿيو"، ۽ رستي ۾ هٿيار بند ماڻهن کي خاص هدايتون ڏنائين. انهيءَ مان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ظاهر آهي تہ هيءَ مندر برهمڻ آباد جي شهر کان ٻاهر ڪڇ مغاصلي تي هو. انهيءَ جي تصديق صفحي ٦٢/[٤٥] تي ڏنل ڇڇ جي هيٺين لفظن مان ٿئي ٿي. جي صلح بعد هن پروهت کي چيا: "آءٌ چاهيان ٿو تہ اسان جو چوڻ ونڊي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ وري موڪلي اچين." صفحي ٦٣/[٤٦] تي مندر ڪنوهار مان ڇڇ جي واپسي بابت جدا عنوان ڏنل آهي تہ "ڇڇ جو برهمڻ آباد ڏانهن موڪلي وڃڻ." انهن مڙني عبارتن مان ظاهر آهي تہ ڪنوهار جو مندر برهمڻ آباد جي شهر کان ڪجهہ مغاصلي تي پري هو. ہڏ ڏرم وارن جو دستور ٻہ اهو هو جو پنهنجون عبادتگاهون اڪثر شهرن کان پري سانت ۽ تنهائي واريون جايون تي قائم ڪندا هئا.

هاڻي سوال آهي تہ هيءَ ہڏ-مندر ڪٿي هو؟ ڪزنس جي ڪتاب "سنڌ جا آثار قديمہ" مان معلوم ٿيو تہ منصوره کان ٦- ميل اوپر طرف ديهہ دوفاني ۾ "ڏپر گهانگهري جو ٽل" (شهر جهول، تعلقي سنجهوري، کان تقريباً ٢ ميل اولهہ طرف) وارا آثار ڪنهن قديم ہڏ ڏرم جي مندر جا آهن. سنہ ١٩٥٢ ۾ مير الله بخش خان زميندار جهول جي مدد ۽ معاونت سان اسان هن ٽل جو معائنو ڪيو. گهري جانچ ۽ ماپن وٺ بعد معلوم ٿيو تہ مندر جو هيءَ ڏ ٽل ٽل (Stupa) تقريباً ٥٠ فوٽ چوڙس متاهين ٽلهي تي بيٺل هو. ٽل جو اندريون گهيرو ١٠ فوٽ ٽيم قطر ۽ ان جي گول ديوار جي ويڪر ١٢ فوٽ معلوم ٿي- هي ديوار اندران ڪچين سرن جي ۽ باهران شايد پڪين سرن جي هئي. هن اوچي ٽلهي کان هيٺ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

زمين تہ ٿين لهواري سماپ ۳۰ درجن جي ڪنڊ تي، تخميناً ۳۰ فوٽ معلوم ٿي. هن ٽلهي جي هيٺين بناء ڪان انڪل ۲۶ فوٽ هري غالباً چوڏاري نديءَ ون ڪوٽيون هيون. ڏکڻ طرف ان هنن ڪوٽين واري قطار جي پڙهه مان ڪوٽين جي ماپ ۹ فوٽ چوڙس معلوم ٿي. ٽل واري ٽلهي جي چوڏاري هنن ڪوٽين جي باهرين ديوار کي مدنظر رکندي اندازو ٿيو ته هيءَ باهران چوڏاري بناهه واري ديوار تقريباً ۲۱۰ فوٽ چورس هئي، جا تخميناً مندر جي جملي ابراضي هئي.

هن قديم آثارن جون اهي ماپون موجوده سطحي نيشانين تي مبني آهن ۽ انهيءَ ڪري اٽوريون سمجهڻ گهرجن. پر مرحوم مير الله بخش خان ۽ سندس سوٽ مير جان محمد خان ان سوقعي تي هڪ نهايت اهم واقعي جو ذڪر ڪيو. جيائون ته: "۱۹۳۲ع ۾ براج جي نئين پيچ وقت اسان هن ٽل ڏي اتر طرفان اندر واٽر ڪورس (جو هن وقت موجود آهي) پئي ڪڍيو. هن واٽر ڪورس جي ٻن ورن مان هڪڙي ور وٽ (يعني ٽل جي اتر طرفان جتان واٽر ڪورس اولهه طرف موڙي ٿو يا ٽل جي اتر - اولهه طرف جتان هيءَ واٽرڪورس وري ڏکڻ طرف وڃي ٿو) اسان جي ساڻهن واٽر ڪورس کوٽيندي هڪ سخت چيڪي گهوهيل مٽي جون هڪ ٻه نديءَ ون ڪڇيون سرون لڌيون، جن جي هڪ پاسي تي مهاتما ٻڌ جي تصوير هئي. ماڻهن سمجهيو ته هت شايد ڪو خزانو هجي سو وڌيڪ کوٽيائون ۽ تقريباً اهڙن سرن جو هڪ وڏو ڍڳ کڏي باهر ڇڏيائون. اسان ٻنهي اهي سرون اڇي ڏٺيون. سرون جيتوڻيڪ ڪچيون هيون پر

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

امڑي تہ ڪنهن چيڪي مٿيءَ مان ڏيل هيون جو نهايت مضبوط ۽ سخت پئي نظر آيون. افسوس جو اسان ان وقت انهن مان ڪابہ سر سنياڻي محفوظ ڪري ڪانہ رکي."

اهو تہ ذڪر ۱۹۵۲ع جو آهي. مير الله بخش خان گذاري ويو. ظاهر آهي تہ مير الله بخش خان تـوڙي مير جان محمد خان کي هن ڏل جي تاريخي پس منظر جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. اتفاق سان بندي کي به ان موقعي تي فتحنامي جو هيٺيون بيان ذهن ۾ ڪونہ هو تہ: "چچ، ہڏ ڪنوهار ۾ پڇي هن ٻروهت ڏانهن هليو تہ ڪيس ڪرڻ تـي وڃڻ ۽ پنهنجي عبادت ۾ مشغول ڏٺائين: سندس هٿ ۾ سخت [ڪوهيل] مٿي هئي، جنهن سان بت ناهي مهر جهڙي هڪ شيءِ انهن بتن تـي هٿندو تـي ويو، جنهنڪري انهن تـي پٽ جي تصوير چٽجي ٿي پئي ۽ هو مڪمل ٿي ٿي پيا. تنهن ڪان پـوءِ انهن ڪـي هڪ جاءِ تـي رکندو ٿي ويو." (فتحنامو ص ۶۱).

مير صاحب جن جي لکين ڏنل تصويـر وارن سيرن ۽ فتحنامي جـي بيان ۾ سؤ في صـدي مطابقت آهي. ۱۹۳۲ع ۾ جتان ماڻهن اهي سرون کوٽي ڪڍيون، اهو غالباً ڪنوهار جي هن راهب جو حجرو هو. بهرحـال هن اکين ڏٺي ثابتي سان ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ "ڏهپر گهانگهريءَ جو ڏل" اهو ساڳيو ہڏ جو مندر "ڪنوهار" آهي جنهن جو ذڪر فتحنامي ۾ آهي. (ن ـ ب)

۶۵ / [۴۷] مٿي ڳـوهائي جـي جڏن تـي) هيٺيان شرط پڪا ڪيائين: ظاهر آهي تہ چچ، جو هڪ ٻڪو برهمڻ هو،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تنهن جتن سان هندو قانون وارا چوت چات جا شرط لڳايا. هن سلسلي ۾ محقق هوڙي والا (ص ص ۸۶-۸۷) جا هيٺيان ريمارڪ قابل غور آهن:

"چ جتن سان چنڊالن وارو برتاءُ ڪيو، جن جي باري ۾ ڏنو جو چوڻ آهي تہ: ڪين شهر کان ٻاهر رهائش گهرجي؛ بغير ڪتن ۽ ڪڏهن جي ڪين ڪابہ ملڪيت هڻڻ نہ گهرجي؛ سندن ڪپڑا ميتن لاءِ استعمال ڪيل ڪپڑن سان هجن؛ سندن ٺاڻ ٽپا ڦڳل ڪنگر ٽيپا هڻڻ گهرجن، ۽ سندن گهر ڪٻا لوهـا ۽ ڪٽ چڙهيل هجن (ڏسو *Institutes*, × .12, 29-30)."

"جت سنڌ جا قديم باشندا آهن ؛ پانڌجي ٿو تہ ڪين آرين يا ٻين فاتحن غلاميءَ جي حالت تي پهچايو. ڪرڪ (Crooke) جي بيان موجب پنجاب ۾ راجپوتن، جاٽن سان ٻڌ ڪجهہ اڳ ساڳيوئي برتاءُ ڪيو: نہ ڪين ٻڌڪو ٽي ڏڻاڻون تہ نہ ڪين ڳاڙهو رنگين ڪپڑا پهرڻ ٽي ڏڻاڻون؛ شاديءَ وقت سندن گهوٽ کي موڙ هڻڻ جي ممانعت هئي ۽ زالن کي نڪ ٻاڌڻ جي منع هئي. سندن ڪنوارين سان اول راجپوتن جي همبستري جي رسم هئي. ويندي اڄ تائين، راجپوت پنهنجي ڪوٺن ۾ گهٽ ذات وارن کي رنگين ڪپڑا پهرڻ يا وڏيون گوڏون هڻڻ نہ ڏيندا آهن (ڏسو *Tribes and Castes of the North- Western Provinces*. 1896, III/23).

"گجرات ۾ ٻڌ ساڳئي قسم جي برتاءُ جو مثال ملي ٿو: فوربس (Forbes) لکي ٿو تہ: سيدراج جيسنگها جي